سنڌي ٻوليءَ کي لکا



سنڌي ٻوليءَ کي للڪار

نفيس شهريار
[illegible]
ايل ايم سي
جامشورو سنڌ
١٢-٨-٨

[ملير ڊائجيسٽ ۾ شايع ٿيل ٻولي جي
مضمونن جو پهريون ڪتابڙو]

[ٻيون ڇاپو]

مرتب:

عمر ميمڻ

عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد

چاپو پهريون: .... مئي ١٩٧٣

چاپو ٻيو : .... جولاء ١٩٧٨

چاپو ٽيون : .... جون ١٩٨٤

قيمت : ٦-٠٠

ڇپائيندڙ :
م-ع- ميمڻ - ياران عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد سنڌ

ڇپيندڙ :
سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ

ٻئين ايڊيشن جو مهاڳ

گذريل ٢٥ سالن کان سنڌي لکڻ ۾ ايترا ته ڌاريان لفظ هروڀرو به ڪم اچڻ لڳا آهن جن ٻوليءَ جي سنڌيت ۽ سڀاجهائي کي وڏو نقصان پهچايو آهي. اسان جڏهن ملير ڊائجيسٽ شروع ڪيو، تڏهن ٻوليءَ جي سڄڻ گهڻگهرن جو ڌيان ان طرف ڇڪايو هوسين ۽ ان باري ۾ ”سنڌي ٻوليءَ کي للڪار“ جي نالي سان هڪڙو مضمون شروع ڪيو هوسين. اسان کي خوشي آهي ته سنڌ جي سڀني ڄاتل سڃاتل چاهڻ ۽ سڄڻن انهيءَ ڏس ۾ اسان جي مدد ڪئي ۽ ڪندا رهن ٿا ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو ملير ۾ هر مهيني هلندو رهي ٿو. اسان انهن سڀني سائين جا شڪرگذار آهيون.

ان سلسلي ۾ هيستائين ملير ۾ جيڪي مضمون آيا آهن انهن مان ڪجهه هن ڪتابڙي ۾ ڏيئي رهيا آهيون ۽ اڳتي به اهڙي طرح ڏيندا رهنداسين. هيءَ آهي ٻئين ڪير وٺي جيڪا اسان ملير پاران سڀني سنڌي ليکڪن ۽ اخبار نويسن ۽ فنڪارن جي اڳيان رکون ٿا. شل مال وندن مارن جي ٻوليءَ جو سڳنڌ ۽ سواد انهيءَ مان ڪين اچي.

نوٽ: جهڙي نموني مضمون آيا آهن، ترتيب اهڙي نموني رکي ويئي آهي.

سنڌيءَ ٻولي جو هڪ خدمتگار
عبدالغفور مهيڻ

وچــور

ڪتاب نمبر	مضمون	لکندڙ	صفحو
١	للڪار جي جواب ۾	پير حسام الدين شاهه راشدي	٥
٢	"	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	٨
٣	"	محمد ابراهيم جويو	١٧
٤	"	ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	٣٩
٥	"	عبدالڪريم سنديلو	٤٨
٦	"	تنوير عباسي	٥٨
٧	شاهه ۽ سنڌي ٻولي	صاحب خان چنو	٦٢
٨	"	تاج جويو	٦٩

پير حسام الدين شاهه راشدي

محترم عبدالغفور صاحب، السلام عليڪم.

عرض ته خط ڪيترن ڏينهن کان پهتل هو، پر جواب ۾ دير ٿي، جنهن لاءِ اميد ته بخش ڪندا. سنڌي جي سلسلي ۾ منهنجي راءِ آهي ته:

(١) سنڌي اخبارون خبرن ۽ عنوانن ۾ زبان کي خراب ڪري رهيون آهن. لکندڙ اردو اخبارن تان ترجما ڪري يا اردو لٽريچر ۽ اخبارون پڙهي ٻولي ۾ جيڪي لفظ، ترڪيبون يا محاورا ڪتب آڻي رهيا آهن، سي ڪنهن به صورت ۾ زبان ۾ ٺهڪي نٿا بيهن. اوهان هر رسالي ۾ مهيني جي اخبارن ۾ ڪتب آيل ترڪيبون، عنوان، لفظ ۽ محاورا گڏ ڪري ڇاپيندا رهو، جيئن اخبار نويسن کي خبر پوي ته سنڌي زبان جي ڄاڻ يا اڻڄاڻائي سبب هو ڪيئن ٻولي جي ٻيڙي ٻوڙي رهيا آهن. جڏهن اهڙي فهرست گڏ ڪندا ته پوءِ اوهان کي انهيءَ ڪُوڙ جي خبر پوندي.

(٢) فارسي ۽ عربي اڪثر گهڻي ۾ گهڻا ڪتب آڻڻ علم جي نه، بلڪ جهالت ۽ پنهنجي زبان کان اڻڄاڻائي جي نشاني آهي. آءٌ ١٩٢٨ع کان ١٩٣٧ع تائين اخبارن ۾ ابوالڪلام، ظفر علي خان جي پوئواري

۾ فارسي ۽ عربي جا وڏڦڙا وسائيندو هوس. ليڪن اڄ
جڏهن اهي مضمون پڙهان ٿو، ته نه ڇڙو غلطي محسوس
ڪريان ٿو پر شرم ۾ ڪل اچي ٿي.

(٣) آسان ۽ نج زبان لکڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي.
غالب، سر سيد ۽ عبدالحق اردو کي تمام سليس لکيو
۽ خاص طرز پيدا ڪئي. سنڌي ۾ مرحوم گربخشاڻي،
ڄيٺ مل پرسرام، پروفيسر شاهاڻي، مولانا فتح محمد
سيوهاڻي، مولانا وفائي ۽ دائود پوٽي مرحوم سليس،
روان ۽ صاف سنڌي لکي آهي. اڄ به اوهين اهي لکئيون
پڙهو، ڇڙ لذت پئي ايندي.

ڳالهائيندڙن ۾ آءٌ مرحوم علامه قاضي صاحب جي
سنڌي جو قائل آهيان. جڏهن سائن سنڌي ۾ ڳالهائيو
هو ته جواب ۾ ڪوبه لفظ ڌاريئن زبان جو ڪتب
ڪونه آڻيندا هئا.

شهرن ۾ رهي رهي ڌاريئن سان اٿي ويهي اسان
ماڻهن جي زبان خراب ٿي ويئي آهي. سچ پڇو ته
اسان کان پنهنجي زبان وسري ويئي آهي. اڳتي هاي
جنهن جا نتيجا ڏاڍا ڏکوئيندڙ نڪرندا. سنڌي زبان بي
صورت ۾ بدلجي ويندي ۽ اهو هاڃو اسين پنهنجو پاڻ
ڪري رهيا آهيون. جنهن لاءِ آءٌ گهڻي ۾ گهڻو جوابدار
سنڌي اخبارن کي سمجهان ٿو. ڇاڪاڻ ته پنهنجي زبان
۾ سنڌن مطالعو ڪونه آهي، اڙدو اخبارون پڙهن ٿا.
جڏهن لکڻ ويهن ٿا تڏهن اهائي زبان استعمال ڪن ٿا

جيڪا هنن صبح جو اردو اخبارن ۾ ڏٺي آهي. تنهن ڪري ان ۾ اهو ئي عنوان ۽ لفظ سندن دماغ سوچي ٿو.

ڪراچي واري هلال پاڪستان ۾ ٻولي جي صفائي جو بيحد خيال ڪيو وڃي ٿو. سنڌس روش کي پنهنجو ڪرڻ هرهڪ لکندڙ جو فرض آهي.

(٤) اوهان جيڪي مقابلي ۾ لفظ ڏيئي رهيا آهيو تن کي اچا آسان ڪرڻ گهرجي، اهي ٺهڪن نٿا.

(٥) سنڌي زبان جهڙي شاهوڪار زبان ۾ ڌارين ٻولين جا لفظ آڻي آبگهات ڪرڻو آهي. غلط آهي، ناجائز آهي، گناهه آهي ۽ آخر ۾ اهو طريقو لکندڙ لاءِ ۽ زبان لاءِ گهاتڪ ثابت ٿيندو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

پيارا ادا عبدالغفور، سدا سرها هجو!

اوهان جي پيار ڀريل لکيل سنيهن جي هن ڪاڻ اڳ ورندي ڏيئي نه سگهيو آهيان جو هڪ ته گهڻ ڪاريو آهيان ۽ ٻيو ته پڙهيلن جي پَتَ ۾ ڀير رکندي منيد ڪان وٺي مون پنهنجو ڀاڻ سان وچن ڪيو هو ته ڪڏهن به ڪا ڪٿي ڪنهن سان مُدا * نه وٺندس. رڳو اوهان جي لکئي کي مانُ ڏيڻ لاءِ پنهنجا ويچار اوهان جي آڏو رکان ٿو.

مهيني اپريل ٧٢ع واري ”ماهر ڊائجسٽ“ ۾ ”سنڌي ٻولي کي چئلينج“ جي سيري هيٺ اوهان جيڪا ڳالهه ڪئي آهي سا ويچار جهڙي آهي پر جنهن ريت اوهان ان کي ڇيڙيو آهي تنهن لاءِ ٻهرياڻين به اکر چوڻ سڄايا ٿيندا.

اڳـــ ڇا ٿيو؟

١- ١٨٥٢ع ۾ سنڌي الف- بي ڪا نئين سر ڻاهي ڪانه وٺي هئي، الف- بي جا اکر سوين ورهيه اڳـــ هلندڙ هئا، پر رڳو ايترو هو جو ڻيمڪ سنڌي اُچارن وارن اکرن تي، ڪي ڪنهن ريت ته ڪي ڪنهن

مدا وٺڻ * بحث مباحثو ڪرڻ، سوال جواب ڪرڻ.

ڙيت تمڪا ڏيندا هئا. اهڙن اکرن جي انوکين ٻيهڪن تي ۱۸۵۲ع کان ولي ويچار ٿيڻ لڳو ۽ نيٺ ڪالهه اٿي وڃي بيٺي ته هر سنڌي آچار واري اکر جون جيڪي ٻه اڳ هلندڙ ٻيهڪون آهن، انهن مان سڀ کان سهڻي ٻيهڪ چونڊي وڃي (نه نئين سر ٺاهي وڃي) ۽ پوءِ سنڌي الف-بي جي پڪي پٽي ٺاهي وڃي. اها پڪي پٽي مهيني جولاءِ ۱۸۵۳ع ۾ ڇاپي پڌري ڪئي وئي.

۲- سنڌي لکڻ لاءِ عربي الف-بي ڪا انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ڪانه ڪئي وئي، پر اها اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ سايا ٻارهن سؤ سال اڳ ڪم آندي وئي. اهو ڪم "اسلام" ڪارڻ ڪونه ڪيو ويو، ڇاڪاڻ جو اسلام "ٻولي" توڙي "رنگ" جي نرالائي (اختلاف آلسنتکم و الوانکم) تي سوچڻ ۽ ان کي مڃڻ جي سکيا ڏئي ٿو. ان وقت جي مسلمانن جو ماڻهن جي ٻولين ۽ رنگن سان ڪو وير ڪونه هو. عرب مسلمان جيڪي سنڌ ۾ آيا سي سنڌي کي به سهڻي ٻولي سمجهي سکڻ لڳا، هنن پنهنجي سولائي لاءِ سنڌي کي عربي پٽيءَ ۾ لکيو، جا پوءِ ٻين کي به سولي لڳي ۽ سڀني سنڌ وارن ان کي پنهنجو ڪيو.

۳- ۱۸۵۲ع ۾ انگريز آفيسرن جي هڪ ٽولي ۽ سنڌن ڪن هندو ڪامورن (جن جو اڳواڻ ٻمبئي پاسي جو هڪ مرهٽو ڪامورو هو) اها هلچل هلائي هئي ته

سنڌي کي عربي پٽي ۾ نه لکجي پر مٿائين ديوناگري يا هندي پٽيءَ ۾ لکجي. انهيءَ رٿا کي پوري ڪرڻ لاءِ وڏا وس ڪيا؛ نئين الف-بي ٺاهي وئي، پڙهڻ لاءِ پنا پستڪ ڇاپيا ويا ۽ پاٺشالائون کوليون ويون. پڻ انگريزن پڌرائي ڪئي ته جو جنهن پٽيءَ ۾ چاهي تنهن ۾ سنڌي لکي پڙهي. ان هوندي به اها رٿا توڙ تي نه پهتي. عربي پٽي جيئن ته سولي هئي انهيءَ ڪري مسلمانن ته ڇڏيو پر سنڌي هندن جي گهڻائي پڻ عربي پٽيءَ کي چاهيو ۽ کنيو.

اها ته ٿي اڳ جي ڳالهه. چوندا آهن ته وئيءَ کي ڪيترو واريو، سيائپ انهيءَ ۾ آهي ته ڳالهه کي سٺين ريت سمجهي کو اڳ جو آڳهه ڪجي.

ڳالهه ڇا آهي؟

پهريائين سوچڻ گهرجي ته ڳالهه ڇا آهي؟ پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ڪرڻ ۽ ٻين "ٻولن" جي جاءِ تي سنڌي جا سٺا "ٻول" * ڪم آڻڻ هڪ اهڙي ڳالهه آهي جنهن جي اسان کي پوري پيروي ڪرڻ گهرجي؛ پر ڳالهه رکو اتي ڪانه ٿي بيهي، اڃا هيءَ ڳالهه ڳوڙهي آهي جنهن کي وڏي سرت ۽ نيرت سان پرهه پچارڻ ۽ ويچارڻ گهرجي.

١- سڀ کان پهريائين اهو سوچڻو آهي ته سنڌي

"ٻول" * هت ۽ اڳتي لفظ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

يا ڪنهن ٻه ٻي ٻوليءَ جا ”پنهنجا“ ٻول ڪهڙا آهن؟
اهي ٻوليون جي هن پرڳڻيءَ جي گهڻن ڀاڱن ۾ ملن
ٿيون ۽ انهيءَ ڪري وڏيون ٻوليون ليکجن ٿيون تن
سڀني ٻن ٻولين جا ٻول ڪٿي ”پنهنجا“ ڪيا آهن.
انگريزي ٻولي وٺو: هن ۾ پرياڏا اينگلو سئڪسن ٻول،
جيڪي انگريزيءَ جا ”پنهنجا ٻول“ چئي سگهون، سي
ٿورڙا آهن، ۽ انهن مڙني ٻولن جي ڀيٽ ۾ جيڪي
انگريزي ۾ هينئر ڪم اچن ٿا، ڄڻ اٽي ۾ لوڻ برابر
آهن. اسان وٽ ايتري ڪوجنا نه ٿي آهي، پر جي ڪو
ودهي سنڌيءَ جا ”پنهنجا پرياڏا“ ٻول ساري، ته ٻين
ٻولين واڌگر اهي ڀڃ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملندا.
انهيءَ ڪري ”پنهنجن“ ”پراون“ ٻولن جي ڳالهه
جڏهن اسان ڪڍون ته جڳائي ته ان کي پوريءَ طرح
سمجهي پوءِ ڪڍون.

٢- ٻوليءَ ۾ ”پنهنجن“ ۽ ”پراون“ ٻولن جي
راڏاوڙ هڪ اهڙو ته گورک ڌنڌو آهي جنهن کي
ڌيري ڌتو سگهجي. ڪجهه ورهيه اڳ ايران وارن وڏا وس
ڪيا ته پارسيءَ مان (جنهن کي هاڻ هو ”ايراني“ ٿا
سڏين) مڙيئي عربي ٻول ڪڍيا وڃن، پر ڪڍي نه
سگهيا. ان ملڪ جا سياڻا هاڻي سمجهن ٿا ته انهيءَ
ڳالهه جي پٺيان پوڻ اجايو آهي. هت اسان وٽ به
٣٠-١٩٤٠ع ڌاري سنڌ جي ڪن هندو ڌرين پاران
اها هلچل هلائي وئي ته سنڌي مان پارسي ۽ عربي

ٻول ڪيدي انهن جي جاءِ تي سنسڪرت ۽ هندي ٻول
ڪم آڻجن. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولوي دين محمد
وفائي، ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحيات ۽ ٻين ، سمجهدار
هندن کي سنئين وات ڏيکاري ۽ چيو ته اڌوڙيءَ رت
مان ڪي ڪين ورندو.

٣- ترڪي ۾ به هڪ نئين پڙهيل ٽولي سيٽ سٽي
ته ترڪي ٻولي مان پراڻا پارسي ۽ عربي ٻـول ڪڍيا
وڃن. پر ڳالهه اتي وڃي بيٺي آهي جو اڳيان ٻـول
ڇڏي وري يورپي ٻولين مان بيا ڌاريا ٻول ڪنياڻون.
"پنهنجن" ٻولن جو ٻهانو ڪري وري به "پروان" ٻولن
ڪٽڻ ۾ نڪا سياڻپ آهي ته نڪو سود.

سياڻپ جي وات

هڪ وڌندڙ ۽ ويجهندڙ ٻولي جي لکڻ، پڙهڻ ۽
ڳالهائڻ ۾ اهڙيون رنڊڪون وجهڻ جن مان سواءِ
پنهنجي من مانيءَ جي ڪو ٻيو ڪارج نه سري سياڻپ
جي وات ناهي.

١- هڪ وڌندڙ ۽ ويجهندڙ ٻولي پنهنجي وڌندڙ
گهرجن جي پورائي لاءِ آوس نت، نوان ٻـول ڪم
آڻيندي. اها پورائي هيئن تـي سگهي ٿي جو پهرياڻين
ٻوليءَ جا چاڙو، ان ٻوليءَ جو پنهنجو پٽ ميڙين،
جيئن لڪيل ڪٿا پڌرا ٿين ۽ ستل ٻول وري جاڳن. ان
کان پوءِ اهي ٻولين جن مان ان ٻوليءَ جو سنبند

رهيو آهي انهن مان ٿهڪندڙ ٻول کڻن، پر ٿي سگهي ٿو پڙهندڙن انهن کي پنهنجي ٻوليءَ جي سانچي ۾ سموهين. پر جڳ وٽن ٿي کوجنا ڪارڻ اڃا به وڌيڪ ٻولن جي گهرج ٿيندي، ۽ اهڙا ٻول جيڪر ٻين ٻولين مان کڻجن ته ان ۾ ڪا گهٽتائي ڪانهي. انگريزي ۽ يورپي ٻولين ۾ ڌارن جي اپياس لاءِ اڃا تائين ڪي عربي ذلا ڪم آندا وڃن ٿا ۽ جانورن ۽ وڻن ٻوٽن جي اپياس لاءِ لاطيني ٻول ڪم آندا وڃن ٿا.

٢- ٻين ٻولين جا اهڙا ٻول جيڪي ورهين کان وٺي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪم ايندا رهيا آهن سي ڇڻ ان جا ”پنهنجا“ آهن. اسان مٿي ڇٽي آيا آهيون ته ڪنهن به وڌندڙ ٻوليءَ جا ”پنهنجا پرائا“ ٻول ڪي ڏورا آهن ۽ ٻيا گهڙا ٿيا ته ان ٻولي ميڙي سيڙي پنهنجا ڪيا آهن. سنڌي ٻولي به جيئن ته هڪ آڳاٽي ۽ وڌندڙ ويجهندڙ ٻولي آهي انهيءَ ڪري آن بہ ساگهو ڪم ڪيو آهي. پر جي اسان کي هرو ڀرو ڪو ليکو ڪڍڻو آهي ته ڪٿي ١٩٤٧ع کي دنگ ڪريون ۽ چئون ته ان کان اڳ جيڪي به ٻول سنڌين جي لکيتن ۾ ملن ٿا، سي سڀ سنڌي جا ”پنهنجا“ ٻول آهن.

٣- هڪ وڌندڙ ٻولي جي گهرجن کي اوس ٻورو ڪرڻ آهي، ۽ انهيءَ ڪري اڄاڻ دنگن وجهڻ مان ڪهڙو سود! سماجي سڄڻ ٿوڙي جڳ کوجنا لاءِ ٻوليءَ جي گهري کي وڌائڻو ئي پوندو. انهيءَ لاءِ ٻين ٻولين مان ٻولن کڻڻ ۽ ڪم آڻڻ کان ڪيٻائڻ اجايو آهي.

۴- سچي ٻچي ته ڳالهائڻ توڙي لکڻ ۾ ”ڏاريو“
ٻول اهو آهي جيڪو اڻ سونهندو هجي. جيڪو نه ئي
نه ٺهڪي پر ڪم آڻجي. ٻولي ويچارن کي ورجائڻ
جو هڪ وسيلو آهي، انهيءَ ڪري جهڙا ويچارا ورجائڻا
هجن تهڙي ئي ٻولي ڪم آڻجي، ٻيءَ ريت هيئن ڪٿي
چئجي ته هر نرالي ڳالهه جي پڌرائي لاءِ ٻولي به نرالي
هجڻ گهرجي، هر ڌنڌي جي ٻولي نرالي آهي، جو
”ويڄ“ ٻي ٻولي ڳالهائيندو ته ”وڪيل“ ٻي ٻولي
ڳالهائيندو. سکيا ۽ ساعت جي هر ڀاڱي جي ٻولي پڻ
نرالي آهي. لوڪ ادب تي ڪوجنا ڪندي مون پهريون
پهرو اها ڳالهه سمجهي ته ”کهاڻين“ جي مهاڳ لکڻ
لاءِ هڪ ٻولي ڪم آڻبي ته ”ڳيچن“ جي مهاڳ لکڻ
لاءِ ٻي. نڌان ته، هر ڳالهه، کي ان سان ٺهڪندڙ ٻوليءَ
۾ نباهڻو آهي. ”سڏ“ جي ٻولي هڪ ته ”ورندي“ جي
ٻولي ٻيءَ پر ويندي هر ”ٻول“ پڻ پنهنجي جاءِ تي
پورو بيهارڻو آهي. ”ماءُ“ کي ”زال“ ڪونه چئبو،
پر جي هوءَ گهڻين زالن ۾ هوندي ته اها به منجهائن
هڪ زال آهي، ”زال“ کي ”ادي“ ڪونه چئبو،
جيتوڻيڪ ڪنهن جي هوءَ ”ادي“ به ٿي سگهي ٿي.
سچ پچ ته ”ڏاريو“ ٻول اهو آهي جو جتي نه ٺهي اتي
آڻجي، پوءِ ڀل ڪٿي پنهنجي مائيتي ٻوليءَ جو ئي هجي.

۵- سنڌي ٻولي ايڏي ته شاهوڪار آهي ۽ ان جا
ٻول ايترا ته گهڻا ۽ انوکا آهن جو انهن سان گهٽ
۾ گهٽ ته به اسان جي ڏينهن رات واري ٻيءِ ٻچار،

ڳاهہ ٽوڙي ڳالهہ * جي ستاءِ ۽ سماجي ٽوڙي سماچاري لکيتن جي پوراڻي ٿي سگهي ٿي. پر انهيءَ شاهوڪار ٻوليءَ جون ڏڄوڙيون پريون پيون آهن. ڪير ٿو انهن کي ڪنجي هڻي ۽ کولي! پڻاڻي صاحب جي ٻولي اسان مان ڪيترن کي سڄي سمجهہ ۾ ٿي اچي ۽ گهڻا آهن جي سنبت ٿا ڪن! لوڪ ادب سنڌي ٻولي جي اڻ کٽ کاڻ آهي، پر ڪيترا ٿا آن مان آندل وَٿُن کي ڏسن يا ويچارين!

ڪي پنهنجيون ڳالهيون

پڇاڙيءَ ۾ ڪي پنهنجيون ڳالهيون به ڪٿي ڪجن. اوهان ”ڊائجيسٽ“ ۽ ”چئلينج“ جهڙا ٻہ وڏا ڪاٿ ڪلهي تي کنيا آهن، جي ٻہن گهٽن سنڌي پاڙن جي ڪٽهہ کان ڳرا آهن.

”چئلينج“ جي جاءِ تي ”للڪار“ لکي سگهجي ٿو. ”ڊائجيسٽ“ جو ڏالو انگريزي مان اردو وارن کنيو ۽ اوهان کي ٻہ ريس آئي. ستَ‘، تَتَ‘، نچوڙ‘، مول‘ رس‘، عرق‘، روح ۽ ٻيا اهڙا ٻول، ”ڊائجيسٽ“ جهڙا آهن. اڳي ۾ اوهان پاڻ اهو ڪم ڪريو جيڪو چاهيو تہ سڀني کي ڪرڻ گهرجي.

ڏُريان جيڪا ڳالهہ اوهان ڇيڙي آهي ان کي ڏدان ۾ رکندي، مون پنهنجي هيءَ سڄي ورندي نگريزي، فارسي يا عربي ٻولن کم آڻڻ کان سواءِ

ڳاهہ ۽ ڳالهہ * يعني نظم ۽ نثر.

لڳي آهي ۽ اهو به جتن ڪيو اٿم ته اها سمجهڻ ۾
سولي ٿئي. پر هيءَ وڙونهه، بس پنهنجي ڏينهن، رات
واري پڙهه پچار وانگر آهي، انهيءَ ڪري ان کي هن
ريت نباهي سگهيو آهيان. ننڍي هوندي به پاڻيان ٿو ته
ڪن جاين تي جيڪر فارسي ۽ عربي ٻول ڪم آڻيان
ها ته، پڙهندڙن کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ها. هت
ايترو چوندس ته جيڪڏهن ڏينهن رات واري ٻوليءَ
کان ٻاهر مون کي ڪنهن ڪوجها واري ويچار کي
ورجائڻو پوي ها ته ان کي پوريءَ ريت پڌرائڻ لاءِ
فارسي، عربي توڙي انگريزي جي ٺهڪندڙ ٻولن کي
ڪم آڻڻ کان ڪونه ڪيٻايان ها.

٦- اچرج ته انهيءَ ڳالهه جي آهي جو اڄ اسان
بناڪنهن لوڙ جي، ڏاڍيا ٻول اکيون ٻوٽي ڪم آڻڻ
لڳا آهيون. انهيءَ ڏس ۾ اردو وارا ته اسان کان اڳتي
وڌي ويا آهن، جو هاڻي هو "ٻور" ٿين ٿا، ۽ ميت
جي جاءِ تي وٽن "ڏيت" ٿئي ٿي. اسان وري اردو
وارن کان اڌارڻ ۾ پورا آهيون جو "پنهنجو ڪرڻ"
کي ڇڏي "اپنايون" ٿا؛ اڳ اسان لاءِ وڏو "حادثو"
يا "پنڌ" ٿيندو هو پر هاڻي "الميو" ٿئي ٿو؛ اڳي
"ٻيهي" ويندا هئاسون پر هاڻي "رڪجي" وڃون ٿا،
اڳ "سيپ" هئاسون پر هاڻي "تمام" آهيون.

ادا عبدالغفور، ڪهڙيون ويهي ڳالهيون ڪجن!!
بس ٿورو لکيو گهڻو ڄاڻندا ۽ جي ڪا اوڻائي ٿي
هجي ته مون کي مترهيندا.

محمد ابراهيم جويو

ٻوليءَ جو بچاءُ

سڌريل ۽ سجاڳ قومون هميشه پنهنجي ٻوليءَ کي صاف، سليس ۽ صحيح صورت ۾ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ڪابه اهڙي قوم دنيا ۾ ڪانه ٿي رهي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ، گرامر يا محاوري جي ڪنهن غلط يا نامناسب استعمال کي قبولي سگهي يا سهي سگهي. ڪابه اهڙي قوم ڪٿي ڪانه لڀندي، جيڪا پنهنجي ٻوليءَ جي ڪنهن سهڻي ۽ سولي لفظ کي ڇڏي، ان جي جاءِ تي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ جي لفظ کي ڪم آڻڻ ۾ خوش ٿيندي يا فخر ڪري. علمي ۽ فني ضرورتن جي خيال کان، ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجا ڪرڻا پون ٿا، پر اهڙا لفظ هرڪا ٻولي پنهنجي گرامر جي اصولن موجب بنهه پنهنجا بڻائي پوءِ پاڻ وٽ رکي ٿي.

سنڌي قوم پڻ گهڻي وقت کان پنهنجي وطن جي آزاديءَ، سالميت ۽ خوشحاليءَ جي جدوجهد سان گڏوگڏ پنهنجي ٻوليءَ کي انهيءَ ريت صاف، سليس ۽ صحتمند رکڻ لاءِ پنهنجي وس آهر ڀرپور ڪوشش ۾ رڌل رهي آهي. سنڌي ٻولي گذريل ڪيترن صدين کان ڌڪ ڌ

ٻيءَ حڪمران ٻوليءَ جي تهذيبي دٻاءَ هيٺ رهندي پئي آئي آهي ۽ هن وقت پڻ ساڳي طرح اهڙي ئي هڪ دٻاءُ هيٺ آيل آهي. عربيءَ فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جي تهذيبي آڪرائيءَ جا اثر سنڌيءَ ۾ اڄ به گهٽيءَ حد تائين موجود ڏسي سگهجن ٿا. اڙدوءَ جو حڪمراني درجو پڻ ساڳيءَ ريت بلڪ وڌيڪ آگريءَ حد تائين اڄ سنڌيءَ تي پنهنجو اثـر ڏيکاري رهيو آهي. اڙدو پريس، ريڊيو، ٽيليويزن سنيما، اسڪولي ۽ ڪاليجي تعليم ۾ عام ڪتاب ۽ انهن سان گڏ اڙدوءَ جي قومي درجي جو تاب ۽ زور سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ وڏو خطرو ثابت ٿي رهيا آهن. اهو سنڌيءَ جي اديبن، شاعرن، صحافين، استادن ۽ ٻين عام پڙهيل ماڻهن جو فرض آهي ته هو پنهنجي ٻوليءَ جو بچاءُ ڪن ۽ آن جـي ڍال بڻجي، آن جي صحت، سادگيءَ ۽ اهميت کي قائم رکن.

وڏي ڏک جي ڳالهه آهي، جو اڄ اسان جي ٻولي اسان جن پنهنجن ئي هٿن سان بگڙي ۽ ڪمزور ٿي رهي آهي. هن ڳالهه ۾ اسان کي خود اڙدوءَ جي تاريخ مان سبق وٺڻ گهرجي. اڙدو ٻولي اصل ۾ ته هندي ٻولي ئي آهي، پر ان ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي لفظن جي ايتري ته ڀرتي ڪئي ويئي، جو هوءَ پنهنجي اصلوڪي صورت وڃائي، ٻولي ئي ٻي ٿي پيئي، ايتري تائين، جو آها عام جي سمجهه کان نڪري ۽ ڪنن بنهه الڳ ٿي، رڳو ٿورن اميرن جي محلن ۽ حاڪمن

جي درٻارين جي ٻولي ٻڻجي ويئي. پنهنجي اصليت ۽
شانَ وڃائڻ ڪان پوءِ اها ساڳي ٻولي هاڻي رڳو
منهن مٿي پيئڻ، جهيڙي ڪرڻ ۽ وات هڻڻ ۾ ئي
پوري آهي. اِها سچي ويڌن هِن ٻوليءَ سان ڪيئن
ٿي؟ رڳو هن طرح، جو ان ۾ ٻنهي ٻورا ڪي اصلوڪا
لفظ (ضمير، فعل ۽ حرف جو) جيئن جا تيئن ڇڏي،
اسم، صفتون، ظرف، حرف جملا وغيره عربيءَ ۽ فارسيءَ
جا ايترا ته گهڻا آندا ويا، جو هوءَ سڄاڻپ ڪان ٿي
چڙهي ويئي ۽ بدلجي ٻنهي هڪ نئين ٻولي ٿي پيئي.
اڄ ڪيترين سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ اڙدوءَ
جي اثر ۾ ورتل لکيتن ڪي ڏسي ۽ ريڊيو تان ٿوڙي
جلسن ۾ شهري ۽ عام پڙهيل ماڻهن جون اهڙي ڏسي
نوع واريون تقريرون ٻڌي، پنهنجي ٻوليءَ سان پڻ
اهڙي ئي ڪنهن حشر ٿيڻ جو ڊپ وٺي وڃي ٿو.

ڊاڪٽر دائود پوٽي مرحوم هڪ پيري سنڌيءَ ۽
اڙدو ڪي پيٽيندي، ڏاڍي پروسي سان چيو هو ته "اڙدوءَ
۾ 'دل' مذڪر ۽ 'ڪتاب' مونث آهي، جنهن جو
ڪوبه منطق ڪونهي ۽ سنڌيءَ ۾ ان جي ابتڙ 'دل'
مؤنث ۽ 'ڪتاب' مذڪر آهي، جا ئي ڳالهه سچي به
آهي ۽ سمجهه پري به آهي." پر، افسوس جو تازو
مون هڪ ناميارِيءَ روزانيءَ سنڌي اخبار ۾ اڙدوءَ وانگر
"ڪتاب" کي مؤنث ۽ "دل" کي مذڪر جي صيغي
۾ ڪم آندل پڙهيو. اهڙيءَ ريت "توجهه"، "دليل"،

"ناڪيد"، "آمنگ" نظم، فرياد، داد، ۽ ٻيا ڪيئي لفظ، جي پڊري پٽ اسان وٽ مذڪر آهن، اڄ اسان جي ڪن اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ مؤنث وانگر پيا لکجن ۽ هوڏانهن، مثال طور، لفظ "متيا" کي مذڪر وانگر ڪم آندو پيو وڃي. "متيا نـاس ٿي ويو!" ۽ اِئين، اڙدوءَ جي اثر هيٺ، ڪيترا ئي اسان جا لفظ مذڪر بدران مؤنث ۽ مؤنث بـدران مذڪر ۾ ڪم ايندا رهن ٿا ۽ اسان جي ٻوليءَ کي بنيادي ڌڪ لڳندو رهي ٿو.

ڪيترا ئي فارسيءَ ۽ عربيءَ جا لفظ آهن، جيڪي اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٻنهي ٻيءَ معنيٰ ۾ قبوليا آهن. جيئن لفظ "تمام" آهي. هيءُ لفظ اڙدو ۾ "سڀ، سڀيئي يا سڀئي" جي معنيٰ ۾ صفت طور، ڪم اچي ٿو ۽ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ ظرف طور. ان جي معنيٰ "ڏاڍو- ڏاڍا" جيئن "تمام چڱو، تمام سٺا" وغيره آهي. پر اڄ اسان جا ڪيئي لکندڙ ۽ تقرير ڪندڙ صاحب پنهنجا سٺا ۽ سولا صفاتي لفظ "سڀ، سمورا، مڙيئي، مڙئي" انهن جو سڌو سنواٽو استعمال ڇڏي، لکندا ۽ چوندا وتن: "تمام پئسا خرچ ٿي ويا! تمام مڇر مري ويا! تمام هو هيئن ٿي ويو ۽ تمام هيءُ هوئن ٿي ويو!" انهيءَ نموني جو هڪ لفظ "منصوبو" به آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ "سازش" جي مطلب سان ڪم اچي ٿو، پر ان کي اسان جا اڙدوءَ جي وٽ ۾ آيل ڪيترا

ليڪ "رت" يا "رتا" جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندا رهن ٿا. ساڳي حالت ٻين ڪيترن اهڙن لفظن، جهڙوڪ "هلاڪ يا هلاڪت" ۽ "اتفاق" جي آهي. "هلاڪ" سنڌيءَ ۾ "ڪڪ، تنگ يا بيزار" جي معنيٰ ۾ ۽ "اتفاق"، "حادثي يا واقعي" جي معنيٰ ۾ ڪم اچن ٿا. پر اردوءَ جي پيروي ڪندي، اڄ اسان جا ڪيترا ليکڪ هنن لفظن کي "مرڻ" ۽ "ٻڌيءَ" جي معنيٰ ۾ پيا لکن- ڇي: "هڪ ڏڪ سان ست مکيون هلاڪ ٿي ويون! اتفاق سان سڀ ڪجهه ٿئي ٿو!" هاڻي جي انهن جملن ۾ "هلاڪ ٿي ويون" بدران لکجي "مري ويون" ۽ "اتفاق" بدران "ٻڌي" لکجي، ته اهي ڪيڏا نه سمجهه پريا ۽ وڻندڙ جملا ٿي پون!

سنڌيءَ ۾ حرف جملي يا ظرف جا لفظ اهڙا ته سهڻا ۽ سڌا موجود آهن، جو انهن کي ڇڏي، فارسيءَ يا عربيءَ جا ساڳيءَ معنيٰ جا لفظ ڪم آڻڻ نه رڳو ضروري نه آهن، پر پاڻ سان ۽ پنهنجي ٻوليءَ سان وڏي جٺ ڪرڻي آهي: مثال لاءِ-

جي، جيڪڏهن	بدران	اگر
جيتوڻيڪ	"	اگرچه
پر	"	ليڪن يا مگر
تنهن، ان، اُن- ڪري	"	لهذا
تنهن، ان، اُن- کان سواءِ	"	ازان سواءِ
تنهن، ان، اُن- وچ ۾	"	درين اثنا

ان هوندي ,, باوجوديڪ
چا ته هجي، هرحال ۾ ,, بهرصورت، بهرحال
سچ پچ يا سچي پچي ,, في الحقيقت، حقيقتاً، في الواقع
ابتڙ ,, برعڪس، خلاف
ڌار ڌار، الڳ الڳ جدا جدا ,, مختلف
تان جو ,, حتيٰ ڪه
متان ,, مبادا
تنهن، ان، آن هوندي به ,, به اين همه
ڇاڪاڻ ته ,, چونڪه
انهيءَ ڪري ,, بنا برين، چنانچه
نه ته ,, ورنه
ٻيءَ صورت ۾ ,, به صورت ديگر
الڳ، ڌار ,, علحده
ڌار ,, علاوه
پوءِ ,, بعد
هيٺ ,, زير، تحت
پيٺ ,, مقابلو
رڳو ,, محض، صرف
ته به، تڏهن به ,, تاهم، وغيره، وغيره

حيدرآباد جي ريڊيي تان، هر روز ”جمهور جو آواز“ ٻڌايو وڃي ٿو. ان پروگرام ۾ نيٺ ٻهراڙيءَ جي هڪ چڱي مڙس جي ڪردار طور، ”عارب خان“ پنهنجي اوطاق ۾ ڪچهريءَ جو سروان ٿي ويهندو آهي. هن

پروگرام ۾ هڪڙي ڏينهن "عارب خان" جي واتان،
سنڌس ٽيٽ ٻهراڙيءَ جي ڍنگ ۾ ٻڌم: "ادوڙي! اچو
ته اتحاد ڪيون، اتحاد سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا."
هاڻي، اسان جا عام ٻڌڻ وارا، جن لاءِ هيءُ پروگرام
ٿئي ٿو، سي ڇا سمجهندا "اتحاد" کي ۽ ڪيئن سمجهندا
"مسئلن جو حل ٿيڻ"! آن جي بدران "عارب خان"
هيئن به چئي ٿي سگهيو ته "ادوڙي؟ اچو ته ٻڌي
ڪيون، ٻڌيءَ سان سڀ ڳالهيون نبري وينديون."
١٧ جولاءِ ٧٢ع تي ٿيئي هڪ پروگرام ۾ هن ريڊيو تان
هيٺيان لفظ ڪم ايندي ٻڌم، جيڪي سڀ جا سڀ پنهنجي
ٻولين جا لفظ پنهنجي ٻوليءَ تي بار بنجڻ کان سواءِ
ٻئي ڪهڙي ڪم جا ٿي ٿي سگهيا! انهن جي جاءِ
تي اسان جي ٻوليءَ ۾ اڳي ئي ڏاڍا سٺا ۽ سلوڻا لفظ
پيا آهن، جو نه آهي اسين ڪم آڻيون، ته جيئن ٻڌڻ
وارا ٻڌن ته سمجهي به سگهن!- هيٺ انهن لفظن جي
لسٽ ڏجي ٿي:
باشندا = رهواسي، بخوبي آگاهه ٿيا = چڱيءَ ريت
يا پوريءَ طرح واقف ٿيا، معيار زندگي = زندگيءَ
جو معيار يا پَد؛ فلاحي مملڪت = عام ڀلي جي
حڪومت؛ باهمي تعلقات = هڪٻئي جا لاڳاپا؛
احترام = عزت؛ تعمير = اڏاوت (تعمير ڪرڻ، اڏڻ)؛
ذي هوش؛ ذي فهم = هوش وارو، فهم وارو، ڏاهو،
خبردار، جيب خرچي = کيسي جي خرچي، تعاون =

سهڪار، ترقي يافته = ترقي ڪيل، ايجاد ڪيون آهن = ناهيون آهن، خبرن تي مشتمل پروگرام = خبرن تي ٻڌل پروگرام، فرصت جا اوقات = واندڪائيءَ جون گهڙيون، تعليم جو فروغ = تعليم جو واڌارو، اعتماد = ڀروسو، ضروريات = گهرجون، تعلق رکن ٿا = لاڳاپو رکن ٿا، سرمايو = موڙي، دشواري = تڪليف، ڏکيائي، يڪجهتي = ٻڌي، جذبهء قرباني = قربانيءَ جو جذبو، جذبهء خدمت = خدمت جو جذبو، خيالات = خيال، حاضر خدمت = خدمت ۾ حاضر، ترويج = واهپو، استحڪام = جٽاءُ، وقفو = ساهي مهلت، وڇوٽي، نافذ رهيو = لاڳاپو رهيو، وغيره وغيره.

هڪڙي مشهور ادبي رسالي جي ايڊيٽر صاحب هڪ ڀيري "پڙاڏي" بدران "صد اي باز گشت" جي فارسي ترڪيب ڪم آندي! ڏاڍيءَ نوڙت سان چيومانس ته "سائين، جيڪڏهن لفظ 'پڙڏو' اسان جي ٻوليءَ مان ائين نڪري ويو ته "پڙاڏو سو سڏ، ورائيءَ جو جي لهنز!" وارو شاهه صاحب جو امله بيت ڪيئن ڪير سمجهي سگهندو!" ايڊيٽر صاحب ڳالهه کي سمجهيو ۽ مڃيو، پر عمل اڃا به هن نڪتي تي گهٽ گهٽ ڏٺيس ٿو!

اسان جا ڪيترا عربيءَ جي اثر ۾ ورتل ليکڪ وڏي شوق سان عربي اسمن جا عربي جمع پنهنجن مضمونن ۽ لکڻين ۾ ڪم آڻين ٿا. سنڌيءَ جو لاڳاپو

عربيءَ سان گذريل ١٢٠٠ ورهين کان ٻه گهڻي عرصي جو آهي. ايتري ڊگهي لاڳاپي کان پوءِ ٻـ اسان جي ٻوليءَ ۾ گهڻن عربي اسمن جا ڏي عربي جمع قبوليا آهن. جيئن ته احوال، افعال وغيره. پر آهي ٻه هوءَ پاڻ وٽ واحد جي صيغي ۾ ڪم آڻي ٿي. ان جي ابتڙ سنڌيءَ جي مٿي ذڪر ڪيل ناميارِي ادبي رسالي جي هڪ مهتمم نوٽ ۾ ڏي مون هيٺان ١٢ عربي جمع ڪم آندل ڏٺا: جذبات، احساسات، خيالات، تصنيفات، تاليفات، ڪمالات، تعلقات، واقعات، معاملات، تخليقات، امڪانات، اختيارات! جيڪڏهن ڪنهن هڪڙيءَ ڳالهه اڙدوءَ کي سنڌس اصل کان ۽ پڻ عام ماڻهن کان ڪٽي الڳ ڪري ٻيهاريو ۽ ٻينهه هڪ ڌاري صورت ڏيئي ڇڏي، ته آها اڻائي عربي جمع جي صيغن جي آن ۾ ٻيجا ۽ اڻ مٽئي پرمـار هئي. اِنهيءَ ڪري جيڪڏهن اسان کي پنهنجي ٻوليءَ کي بنيادي طرح سنڌس اصل صورت ۾ قائم رکڻو آهي ته جيئن ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم فارسيءَ جي معاملي ۾ آن لاءِ چيئي ويو ته ان کي فارسيءَ جي اضافت جي ترڪيب کان پاڪ ۽ صاف رکيو وڃي، تيئن عربيءَ جي معاملي ۾ وري اُن کي هن عربي جمع جي صيغي جي استعمال کان بچاڻـڻ گهرجي. اِهي سمورا عربي اسم اسان کي پنهنجي سنڌي جمع جي صورت ۾ پاڻ وٽ ڪم آڻڻ کپن ۽ نه سندن اصلي عربي جمع جي صورت ۾.

ضمير مبهم جا لفظ ڪو، ڪا، ڪي ۽ ڪئي ۽ انهن سان گڏ ظرف جا انڪاري لفظ ڪونه، ڪانه، ڪين ۽ ڪئين، اسان جا ڪيترا ليکڪ اڻڄاڻائي طرح ڪم آڻين ٿا، جو سنڌي سنڌن مادري ٻولي ٿي ڪانهي- دڪ ته ”ڪو“ مذڪر لاءِ ۽ ”ڪا“ مؤنث لاءِ، ”ڪي“ مذڪر مؤنث ٻنهي لاءِ جمع ۾ ۽ ”ڪئي“ ڪنهن بيجان شيءِ لاءِ ”ڪجهه“ جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ لفظ آهن. ٻيو ته انڪاري لفظ ”ڪونه“ ساڳئي طرح مذڪر واحد لاءِ، ”ڪانه“ مؤنث جي لاءِ جمع جي صيغي ۾ ۽ ”ڪين“ رکو ”ڪئي“ ضمير سان ڪم اچي سگهن ٿا. جيئن ته:

ڪو ڪونه ايندو.
ڪا ڪانه ايندي.
ڪي ڪين ايندا/ ايندئون.
ڪئي ڪين ڏيندو/ گهرجي.

اسان جا ڪيترا ليکڪ اڄ لفظ ”ڪونه“ مذڪر ۽ مؤنث ٻنهي لاءِ ڪم آڻيندا رهن ٿا. جيئن چون: (ڪو ڇوڪرو ڪونه آهي/ ڪونهي ۽ وري هيئن به چون (ڪا) ڇوڪري ڪونه آهي/ ڪونهي! ظاهر آهي ته ”ڇوڪريءَ“ لاءِ ”ڪونه آهي“ يا ”ڪونهي“ چئي ڪين سگهبو، مؤنث واحد جي ان صيغي ۾ لفظ ”ڪا“ ”ڪانه“ ئي ڪم آڻي صحيح ٿي سگهن ٿا.

اسان جي پڙهيل ٻيڙن ۾ وري هڪ عجيب خيال

پيدا ٿيل ڏسڻ ۾ آيو آهي ته هو هڪبئي سان يا سندن زيردست ڀينرن يا سندن مرد ڀائر ساڻن جيڪڏهن مؤنث جمع جي صيغي ۾ ڳالهائيندا. جيئن ته: "اوهان ڇا پيون ڪريو؟ اوهان ڪڏهن آيون آهيو؟ اوهان هاڻي ڪيڏانهن وينديون؟" وغيره وغيره. ته اها سندن بي عزتي آهي يا سندن شان ۾ گستاخي ڇرجي! تنهنڪري هنن سان ڳالهائبو، ته چئبو: "اوهان ڇا پيا ڪريو؟ اوهان ڪڏهن آيا آهيو؟ اوهان هاڻي ڪيڏانهن ويندا؟" وغيره، وغيره. ڄڻ هو مرد آهن ۽ عورتون نه آهن! هيءُ خيال اهڙو هڪ ڪل جهڙو، غلط ۽ عاجيڪار خيال آهي ۽ ٻوليءَ جو هيءُ هڪ اهڙو اڻ گهڙيو ۽ بدزيبو استعمال آهي، جنهن کي جيترو جلد ڇڏي سگهجي اوترو سٺو.

سنڌيءَ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ، اسم ۽ صفتون، فارسيءَ ۽ عربيءَ مان آيل آهن، جن جي پڇاڙي ننڍيءَ هه سان ٿئي ٿي. جيئن نقشه، ضلعه، ديوانه، دروازه وغيره. هاڻي، سنڌيءَ جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي ته ان جي ڪنهن به لفظ جو پويون پد ساڪن نه ٿو ٿئي، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ ايندي ئي اهي لفظ ڦري نقشو (واحد، حالت فاعلي)، ضلعو، ديوانو، دروازو وغيره ٿي پيا ۽ پوءِ عدد ۽ حالت پٽاندر انهن جو گردان لازمي بڻجي پيو. جيئن نقشا، (جمع، حالت فاعلي)، نقشي (واحد، حالت جري ۽ اضافت)، ضلعا، ضلعي، ديوانا، ديواني، دروازا، دروازي،

وغيره. بجاءِ اِن جي، جو ھھڙن فارسي ۽ عربيءَ جي لفظن کي پنھنجي ٻوليءَ جي اِنھن آوازي قاعدن موجب آچارجي ۽ لکجي، اسان جي ڪيترن ليکڪن خود ڪيترن سنڌي لفظن کي زور ڪري، ننڍيءَ ھہ وارن اِنھن فارسي ۽ عربي لفظن جي سانچي ۾ وجھي، انھن جو صيغن پٽاندر گردان ڪرڻ تي چڙھي ڏنو آھي! — جيئن: چنو، چنا، چني بدران چون ۽ لکن چنہ، پٽو، پٽا، پٽي بدران رکو پٽہ، ٽنڊو، ٽنڊا، ٽنڊي بدران رکو لکن ٽنڊہ، ٺاٺو، ٺاٺا، ٺاٺي بدران رکو ٺاٺہ! ھيءَ سنڌي صورتخطيءَ جي ٽوڙي سنڌي صرف جي ھڪ اھڙي غلطي آھي، جو آن مان ٻوليءَ جو ڳالھائڻ ٽوڙي لکڻ ۾، ڏاڍو دکدائڪ بگاڙو ٿي رھيو آھي، جنھن کي روڪڻ تمام ضروري آھي.

اچڪلھہ دڪانن، آفيسن، بسن ۽ لارين، رستن جي پٽرن ۽ ريلوي اسٽيشنن وغيره تي سنڌيءَ ۾ نالا ۽ پار پٽا لڳايا پيا وڃن، پر جتي جتي لکڻ وارا غير سنڌي يا اڌ پڙھيل سنڌي آھن، اُتي ھنن بوردن تي اھي سنڌي لفظ ۽ عبارتون غلط ٻوليءَ ۽ غلط صورتخطيءَ ۾ لکيون پيون وڃن. جيئن تہ ھڪ سرڪاري اسپتال ۾ لکيل ڏٺم: ”شعبو ڪان، ناڪ، حلق“، ”شعبو امراض زنانو“، ”اوقات مريضن سان ملاقـات“ ٻئي ھنڌ ڏٺم: ”د يرپا قوت“، ٽئين ھنڌ ھڪ بس تي لکيل ڏٺم: ”اپاوڙو جي لاءِ“. جو ھئڻ گھرجي ھـا ”اپاوڙي

جي لاءِ" يا رڳو "اٻاوڙي لاءِ" جتي جتي، جنهن جنهن سنڌيءَ جي گهڻگهري. ٻوڙهي ٿ-وڙي جوان، جو وس پُڄجي ٿو، هن کي گهرجي ته، پڌري پٽ اهڙيون لکيل چُڪون، پيار ۽ سهڪاري آمنگ هيٺ، درست ڪرائي ڇڏي.

سنڌي ٻولي گرامر جي خيال کان، گهڻيءَ حد تائين، هڪ پوري قاعدي واري ٻولي آهي. آن جا اسم، ضمير، صفتون، ظرف ۽ فعل هميشه عدد، جنس ۽ حالت سان گڏ پنهنجي صورت بدلائين ٿا. لفظن جو هيءُ ڦيرو يا گردان سڀني ٻولين ۾ سنڌن پنهنجي پنهنجي گرامر جي قانونن هيٺ ٿئي ٿو؛ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پڻ هيءُ گردان لازمي طرح ڪرڻو پوي ٿو. افسوس، جو اسان جا ڪي ليکڪ، ٻين ٻولين جي اثر هيٺ، پنهنجي ٻوليءَ جي بنيادي ڳالهه، کان بيخبر يا لاپرواهه، بڻجي ويل ڏسجن ٿا. هتي رڳو هڪ اخبار جي ٽن لاڳيتن پرچن منجهان هن قسم جي لاپرواهيءَ جا مثال ڏجن ٿا. جن مان سمجهي سگهبو ته اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪيتريءَ حد تائين پنهنجن جي ئي هٿان بگاڙو اچي چڪو آهي ۽ اچي رهيو آهي:

تاريخ ٧-٣-١٩٧٠ع جي پرچي مان

(١) سنڌو پاڻي حاصل ڪرڻ لاءِ کوٽائي شروع.

(٢) رستو بند ٿيڻ سبب مل بند.

(٣) گورنر کي ٿر جو دورو ڪرڻ جي اپيل.
(٤) ريڊيو پاڪستان ڇهڙو.
(٥) پنجن ڏينهن جو دورو ڪرڻ بعد رپورٽ.

تاريخ ٨-٣-١٩٧٣ع جي پرچي ۾

(٦) سنڌ ۾ ڪاغذ جا چار ڪارخانا قائم ڪرڻ جون رٿائون زيرغور.
(٧) سنڌي زبان ۽ ثقافت جو پيپر شامل ڪرڻ جو حڪم.
(٨) سپاهي مسافرن جو قيمتي سامان ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار.
(٩) نوڪرين لاءِ درخواستون ڏيڻ کان پوءِ انٽرويو.

تاريخ ٩-٣-١٩٧٣ع جي پرچي ۾

(١٠) حڪام طوفان مري ويلن جو تعداد ظاهر ڪرڻ کان انڪار.
(١١) هارين کان قبضو ڇڏائڻ لاءِ پوليس پهتي.
(١٢) مولانا ... بنا معاوضي زمينون حاصل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو.
(١٣) زرعي پيداوار جي وڪري جو بندوبست ڪرڻ لاءِ زرعي ادارو قائم.
(١٤) تعلقي جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ تي غور.
حالت جريءَ يا اضافت جي حالت ۾ سنڌيءَ جي

اسمن ۽ صفتن جا لفظ هيٺئين ريت ڦرندا آهن:

(الف) واحد جي صيغي ۾، آ، ا ۽ آ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه ٿيندو، جيئن: ڪُتَ تي، پيٽ تي، ادا کي، وغيره.

(ب) واحد جي صيغي ۾، آ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ آ ڦري اَ جي صورت وٺندو، جيئن: گلَ تي، پيٽَ تي.

(ج) واحد جي صيغي ۾، اوُ پڇاڙيءَ جي صورت ۾ اوُ ڦري اي جي صورت وٺندو، جيئن دلي تي ڪتولي تي.

(د) واحد جي صيغي ۾، اِي، او ۽ اُون پڇاڙيءَ جي صورت ۾ لفظ جي آخر ۾ 'ءَ' آواز وڌائبو، جيئن: ماڪيءَ کي مٿرءُ کي، مرونءَ کي، وغيره.

(هه) جمع جي صيغي ۾ ئُون، يون، اون، اِي، آ، اَ، اَو جون پڇاڙيون ڦري ئن، ين، ن جي صورت وٺنديون. جيئن تـه بـلائُون، پٿيون، ڪتون، ڏويي ← بلائن کي، پٿين تي، ڪتن تي، ڏوين کي، گُلَ، دلا، مٽُو ← گلن تي، دلن تي، مٽن کي.

مٿي جيڪي ١٤ مثال ڏنا ويا آهن، انهن ۾ پاڻي، رستو، دورو، ريڊيو، پمپر سامان، درخواستون، تعداد، قبضو، زمينون، بندوبست ۽ مسئلا سڀ اسم آهن، جيڪي حالت اضافت ۾ آهن ۽ انهن مان هرهڪ جي پٺيان حرف جر يا حرف اضافت "جي"، ڪجهه بيٺل آهي،

اڀھيءَ ڪري آھي پنھنجي صفتن ۽ انھن جي اڳيان آيل حرف اضافت جي لفظن سميت پنھنجي صورت ڦيرائيندا جيئن:

(١) سنڌي ٻوليءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوتاهي شروع.
(٢) رستي بند ٿيڻ سبب مل بند.
(٣) گورنر ڪي ٿر جي دوري ڪرڻ جي اپيل.
(٤) ريڊيو پڙهڻ تان جهيڙو.
(٥) پنجن ڏينهن جي دوري ڪرڻ بعد رپورٽ.
(٦) سنڌ ۾ ڇهن ڪاغذ جي ڪارخانن قائم ڪرڻ جون رٿائون زيرغور.
(٧) سنڌي زبان ۽ ثقافت جي پيپر شامل ڪرڻ جو حڪم.
(٨) سپاهي مسافرن جي قيمتي سامان ڦرڻ جي الزام ۾ گرفتار.
(٩) نوڪري لاءِ درخواستن ڏيڻ ڪان پوءِ انٽرويو.
(١٠) حڪام طرفان مري ويلن جي تعداد ظاهر ڪرڻ ڪان انڪار.
(١١) هارين ڪان قبضي ڇڏائڻ لاءِ پوليس پهتي.
(١٢) مولانا .... بنا معاوضي زمينن حاصل ڪرڻ تي اعتراض ڪيو.
(١٣) زرعي پيداوار جي وڪري جي بندوبست ڪرڻ لاءِ ...
(١٤) تعلقي جي بنيادي مسئلن حل ڪرڻ تي غور.

ٻولي قومن جي طبيعت جو آئينو ٿئي ٿي. مثال طور، اردو هڪ واتراڙي ۽ گهٽ ڳالهائو ٻولي آهي ۽ سنڌي هڪ ماڻهپي ۽ تور- ڳالهائو ٻولي آهي. هڪ

جو خاص گڻ زبان درازي ۽ آپ ۾ تراريون هڻڻ آهي،
۽ ٻيءَ جو خاص گڻ نماڻائي ۽ نرم ٻولڻ آهي. تنهنڪري
سنڌي جيڪڏهن اڙدوءَ جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش
ڪندي، ته ته رڳو پنهنجو شان وڃائيندي. پر اڙدوءَ
سان آن جي لفاظيءَ ۽ نقاليءَ ۾ مٽ به پنهنجي ڪانه
سگهندي ۽ الٽو اڌهيءَ ڪوشش ۾ پاڻ کي ڏنو ڪندي.
ڏاڍي گهڻي ڏک جي ڳالهه آهي، جو اسان جا ڪي
هر ڏک- هارڻا دوست اڙدوءَ جي انهيءَ ڏيک ۾ ماڙيچاڻي
مڪ چڪ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايترا ته ونجي ٿا وڃن،
جو، مثال طور، حيدرآباد ريڊيئي جي آنهيءَ ساڳئي
مٿي چاڻايل "جمهور جي پروگرام" ۾ مون پنهنجن
ڪنن سان اهڙن دوستن کي چوندي ٻڌو. "ادا عارب خان!
بجا ٿا فرمايو!" ("سچ ٿا چئو!" نه)، "ادا، هاڻي ٻڌاءِ
خبرون!" (خبرون" نه)، "تيار ٿيو" "تيار نه)، "خيال
ڪريو" ("خيال" نه)، (اُميد آهي....") ("اُميد" نه)،
"درميان" (نون غني سان) (درميان" به نه ۽ "وچ ۾"
به نه) — بلڪه ايتري ڏاڍين، جو "عارب خان" چوي
ته "ادوڙي، خوش آهين! چڱو ڀلو، جوڙ، متارو!" ته
هن کي جواب ڏين: "عارب خان، عنايتون، ڪرم
فرمايون، ذره نوازيون!" سنڌيءَ ۾ خبرن پڙهندي، جيڪو
سر ۽ آواز منجهانئن کي اختيار ڪن ٿا، سو سڄيءَ
سنڌ جا ماڻهو ٻڌي پنهنجن ريڊين کي جيڪي سڏيون
سڏين ٿا، سي ريڊيئي وارا پاڻ ته ـ ڪونه ٿا ٻڌن، پر

هن مضمون جا پڙهندڙ چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿا. اسان جي هنن دوستن کي ياد رکڻ گهرجي ته ٻولي لکجي ۽ پڙهجڻ کان گهڻو وڌيڪ ڳالهائجي ٿي. هر ٻولي پنهنجي خاص ڍنگ ۽ لهجي ۾ ڳالهائبي آهي. ڳالهائڻ به هڪ لطيف فن آهي- شاندار، وڏا ۽ تمام ڏکيو. اُن جي ترنم ۽ لئي کي هڪڙو کهرو آواز، هڪڙو اڻ سهائيندڙ اُچار به، ڏکوڙي ۽ ختم ڪري سگهي ٿو. عربي ۽ فارسي لفظ ڪڍي، اسان انهن جي اصلوڪن اُچارن کي پاڻ وٽ قائم رکڻ لاءِ پڌل نه آهيون، جيئن اڙدو سمجهي ٿي ته هوءَ پڌل آهي. مون، خاص طرح، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي جلسن ۾ پنهنجن ڪيترن ڏاهن ۽ انساهي جوانن کي ڏٺو آهي ته ميڙ ۾ ڳالهائيندي، هو عربي ۽ فارسي لفظن جن ڪولا ۾ ۽ انهن کي هرويرو سندن ”صحيح“ اُچارن سان ڪم آڻڻ جي ڪوشش ۾ ايترا ته منجهي پون ٿا، جو بنهه رواجي خيال به پنهنجا ظاهر ڪري نٿا سگهن. هيءَ ڪيتريءَ نه ارمان ۽ عجب جي ڳالهه آهي، جو ڌارين ٻولين جي ڏرڪ ۽ انهن جو تاب اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جو پورو فائدو به وٺڻ نه ڏئي! جڏهن سنڌ جو امر شاعر لفظ ”بغير“ کي ”بگر“ ڪري ڪم آڻي سگهي ٿو- ”ڪونهي ڪميڻيءَ جو بگر ٿـو بلو“- اسين خبر، اميد، تيار، خيال، سوال، ختم وغيره وغيره ڇو نه ڇڏيون؟ اسين سنڌي برابر مانيٺا ۽ تور- ڳالهائو آهيون، پر اُئين به

ٿيڻ نہ ڪپي تہ پنھنجن تي، اڙدوءَ جي نقالي ڪندي، عربي ۽ فارسي لفظن ۽ آنھن جي اُچارن جون مھرون ھڻي، بنھہ، گونگا بڻجي ويھي رھون. يا شھري يا علمي بڻجڻ جي شوق ۾ پنھنجي ٻوليءَ کي ايترو بگاڙي ڇڏيون، جو ٻولي تہ ٻولي پر خود پنھنجي عام کان ئي ڪٽجي الڳ ٿي وڃون!

اڄ جي نئين دور ۾ ٻوليءَ ۽ ادب جي بچاءَ ۽ واڌاري جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڪامياب ۾ ڪامياب وسيلو ان ٻوليءَ جي پڙھائي آھي، جيڪا اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ٿئي ٿي. تمام گھڻي افسوس جي ڳالھہ آھي، جو اڄ اسان جي پرائمري اسڪولن کان وٺي يونيورسٽيءَ تائين سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي پڙھائيءَ تي پورو ۽ مناسب ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي. آن جا سبب ڪٿي ڪيترا بہ ھجن ۽ ڪھڙا بہ ھجن، انھيءَ حالت کي ھڪدم بدلجڻ گھرجي ۽ اسان جي تعليمي مرڪزن ۾ اسان جي مادري ٻوليءَ جي پڙھائيءَ کي ايتري ئي اوليت ۽ اھميت ڏيڻ ۽ ڏيارڻ گھرجي، جيتري ڪنھن آزاد ۽ سڌريل ملڪ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ آن جي مادري ٻوليءَ جي پڙھائيءَ کي ملي ٿي ۽ ان ۾ ڪوبہ ٻيو نصابي ڪم- جيئن حساب، انگريزي، سائنس، وغيره- سنڌيءَ تي آڏو ٿيڻ نہ گھرجي. سنڌي ٻوليءَ جي پڙھائيءَ کي ھيئن اسان جي تعليم ۾ ڀرين جڳھہ ملي، ان لاءِ وڏي ۾ وڏو

فرض اهان جي سنڌي استادن جو آهي، جيڪي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي پاڙهڻ تي مقرر ٿيل آهن. هڪ ته هو پاڻ سنڌي ٻوليءَ کي پوريءَ طرح پڙهن ۽ سمجهن ۽ ان جي ادبي ۽ علمي خزاني کان واقف ٿين، ٻيو ته، پنهنجن شاگردن کي آن جي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ڪم آڻڻ لاءِ پنهنجي وس آهر وڌ ۾ وڌ تيار ڪن، آن لاءِ نصاب ۾ به ڪجهه، ڦيرو اچڻ گهرجي، پر سڀ کان وڏو دلي چاهه ۽ ڀرپور ٻورهيو ٿــي ڪين ٿوڙي، سندن شاگردن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ڏانهن پنهنجن فرض ۽ ذميدارين جي پوري ڪرڻ لاءِ تيار ڪري سگهندو.

سنڌي ٻولي جنهن خطري هيٺ آهي، آهو ان مان ٿي پڌرو آهي ته، سنڌ ۾ سنڌي ٻولي صوبائي بڻجي، آن لاءِ سنڌ اسيمبليءَ کي بل پاس ڪرڻو پيو. ۽ پــوءِ آن گناهه لاءِ ابوجهه ۽ صلح پسند عــوام کي ڪيترائي ڪونڌر ڪهائڻا پيا، ۽ آن جــي پنهنجي سرڪار کي ڇا ڇا سهڻو پيو ۽ ڇا ڇا نه ڏيڻو پيو! هاڻي، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ جيڪي بــورڊ ۽ اڪيڊيميون ٺهيون آهن، جڏهن اهي ڏهن ۽ ٻن سالن ۾ يا ٻارهن سالن ۾ جڏهن ٻولي ۾ آهو ڪجهه، واڌارو ٿئي، جيڪو هڪ آبرومند قومي ٻوليءَ ۾ سچ پچ ٿيڻ گهرجي. آن لاءِ ڪي ڀرپور تجويزون جڙن ۽ انهن تي عمل ٿئي. سوين هزارين ڪي علمي ۽ ادبي ڪتاب لکجن، ترجما ٿين،

ڇپجن ۽ پڌرا ٿين، سنڌ جا سڀ رهواسي سنڌي سکن، سنڌي پڙهن ۽ لکن. تڏهن چئي سگهبو ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي پنهنجي پوري ۽ حقي درجي تي پهتي ۽ آن لاءِ اسان جي وڏن جون ۽ اسان جون سڀ قربانيون، جيڪي ڏنيونسين ۽ اڳتي ڏينداسين ۽ سڀ محنتون جيڪي ڪيونسين ۽ اڳتي ڪنداسين، سڀ سڦليون ۽ سڄايون ٿيون.

ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي لفظن کي قبولڻ ۽ قائم رکڻ جو سوال رڳو ايترو آهي ته ٻين ٻولين جا لفظ کڻبا وڃن ۽ پنهنجي ٻوليءَ جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ، بلڪ وڌيڪ سچيت ۽ سڦڙا ڇڏيا وڃن. ائين هرگز نه ٿيڻ کپي. ائين ڪرڻ سان ٻولي پنهنجو بنياد ٻچائي ته نه سگهندي، پر پنهنجي بنياد سان پنهنجو سڀيتائي لاڳاپو به بحال رکي نه سگهندي. جڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي ڳالهه وڃي اهڙيءَ حد تي پهچي، تڏهن آن ٻوليءَ کي پاڻ وٽان ڌاريان زوريءَ به ڪڍي ڦٽا ڪرڻا پوندا. هڙو عمل، جنهن ۾ ڌاريان فاسد لفظ ڪوشش ڪري ڪڍڻا پون ۽ پنهنجا بيگناهه نڪتل لفظ واپس آڻڻا پون، دنيا جي سڀني سڌريل ۽ سجاڳ قومن کي، پنهنجي قومي سجاڳيءَ جي پهرين منزل تي، پنهنجي قومي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ لازمي طرح اختيار ڪرڻو ٿي پيو آهي. ساڳيءَ ريت، سنڌي ٻوليءَ جي اها واڌ به ڪڏهن واڌ ڪانه چئي سگهبي، جنهن مان، مثال طور، شاهه جي ٻوليءَ جا لفظ ڳر ٿيندا

ٿيندا ٻنهي، ڪم ٿي وڃن، ايتري تائين، جو ڪو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ پڙهندڙ شاهه جو رسالو پڙهي ته پڙهي نه سگهي ۽ پڙهي ته سمجهي نه سگهي. ايتريءَ قيمت تي ڪنهن ٻوليءَ جي ”ترقي ۽ سڌاري“ کي ڪهڙي حساب ۾ ترقي ۽ سڌارو چئي سگهبو! هن خيال کان، اڄ اسان تي واجب بڻ آهي ۽ ٻنهي جائز پڻ، ته پنهنجي ”اسڪولي“ ۽ ”علمي“ ٻوليءَ جي ڪجهه ڇنڊڇاڻ ڪريون؛ ته جيئن ان ۾ اوتري قدر، بلڪ ڪجهه وڌيڪ، تازو ڦوهارو ٿئي. ٻوليءَ جي هيءَ ضروري ڇنڊڇاڻ هرڪو اسان جو لائق اديب ۽ شاعر پنهنجي سچائيءَ ۽ فني پختائيءَ سان پنهنجي منهن به ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي پياريءَ ٻوليءَ لاءِ آب حيات مثل هيءَ ٻنهي ضروري عمل، ڪنهن رٿائتي ۽ سلسليوار طريقي سان، اسان جا سڄاڻ ۽ مقبول عام علمي ۽ ادبي ادارا پڻ هٿ ۾ کڻي سگهن ٿا.

عبدالمجيد ميمڻ
سکر - سنڌ
۱۸-۱-۱۹۷۳ع

ڀاءُ عبدالغفور سدا سلامت هجين

بعد سلامن جي لکجي ٿو ته اڄاڻائيءَ ۽ ڀورڙائيءَ ۾ اسان جيڪو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻي، پنهنجي ٻولي کي جيڪو پاڻ نقصان پهچائي رهيا آهيون ان لاءِ اسان جو ڌيان ڇڪائيندي، اوهان جيڪو چئلينج وارو ليک لکيو هو؛ اهو سچائپ جو سڏ، نهايت وقتائتو آهي. اوهان قرب ڪري منهنجي مادري زبان جي خادمن ۾ منهنجو نالو به ڄاڻايو هو. مون کي گهڻو اڳ سڏيءَ سڌ ڏيڻي پنهنجا ويچار ۽ ويچاءَ اوهان جي معرفت سنڌي زبان جي سڄڻن آڏو رکڻا هئا. پر ڏکارو آهيان، جو ذاتي مصروفيتن جي ڪري سستي ڪيم، ان لاءِ معافي وٺندي، کي ڳالهيون نکيڙي نروار ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪريان.

حقيقت اها آهي، ته اسان جا سڄاڻ ليکڪ جهڙوڪ رسول بخش پليجو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو ۽ عبدالڪريم سنڌيلو ڪيترين ئي سهڻيون صلاحون اوهان کي ڏيئي چڪا آهن. انهن کي وري ورجائڻ مناسب نٿو لڳي ان هوندي به ڪجهه

ڇوٿو ضرور آهي، ۽ يوسف جي خريدارن ۾ نالو ضرور
ڳڻڻو آهي.

حقيقت اها آهي ته سنڌي زبان ڏاڍي نازڪ دور
مان لنگهي رهي آهي جيڪڏهن اسان پاڻ نه سنڀاليوسين،
۽ سنڌي زبان جي جوڙجڪ جو خيال نه رکيوسين ۽
نتيجي ۾ ٻولي ڪري ڪاپارجي ويئي، تـه پوءِ سنڌي
زبان لاءِ اسان جون دانهون ڪوڪون اجايون ٿينديون.
چوندا آهن؛ هرڪو پنهنجي پر ۾ سونهين. پتر به پنهنجي
جاءِ تي ڳورو آهي. اسان جي هميشه ريت رهي آهي ته:

”ايءُ نه مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائن سون تي“
”جيهڙا ڪني تيهڙا مارون مون متيا“

قديم زماني کان اسان جي ٻوليءَ جي بـه اها پر
رهي آهي. سنڌي زبان پنهنجي بنيادي سٽا جي لحاظ
کان هر دور ۾ ساڳي رهي آهي. هن ۾ منجهس جهڙي
وسعت ۽ همالي، کان وڌ پختگي آهي. ان هوندي به هوءَ
بيٺل پاڻيءَ مثل نه آهي. هن ٿورو گهڻو اثر ٻين ٻولين
جو به قبول ڪيو آهي، پر پنهنجي اصلوڪي سٽا ۽
ساخت ڪڏهن به نه بدلائي اٿس. سائين ڪيس ايـڏي
ڪا سگهه ڏني آهي، جو ڌارين ٻولين کي پنهنجي تر
۾ پير کوڙڻ ئي نـه ڏنائين. دراوڙن جي اچڻ ڪري
دراوڙي زبان جي وهواند ٿي، آرين جي آمد کان پوءِ
آرياڻي زبان جو هل هنگامو ٿيو. عربن جي آمد ڪري
عربي زبان جو ڇوهرل ٿيو، ايرانين جي اچـڻ ڪري

فارسي زبان جو آواز گونجيو پر اهو چوٻول ۽ هل هنگامون سنڌي زبان جي ست سهي نہ سگهيو، ۽ ٿوري ئي وقت کان پوءِ ختم ٿي ويو.

البت ايترو ٿيو، تہ انهن ٻولين سنڌي زبان تي هلڪو اثر ڇڏيو. دراوڙن جي اچڻ ڪري ڪجهہ دراوڙي لفظ سنڌي زبان ۾ داخل ٿيا. نموني طور ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا. ”آوي- آرس- چنبُ- ڪنيار- نير- لوڻ- ٿوءُ- پُٽ وغيره.“

آرين جي اچڻ کان پوءِ آريائي زبان جا ڪجهہ لفظ سنڌي زبان ۾ شامل ٿي ويا، جهڙوڪ: ٻرلي- ٻران- پراپت- سرجڻ- سوکم وغيره. اهڙي طرح يوناني، ايراني ۽ ترڪي ٻولين جا ڪجهہ لفظ بہ سنڌي زبان قبول ڪيا. پر ايترو ٿيو، جو انهن ڌارين لفظن کي عام اجازت نہ ملي جيڪڏهن ٻين ٻولين جي لفظن کي عـام جام اچڻ ڏنو وڃي ها، تہ سنڌي زبان جي ستا ۽ صورت ئي بدلجي وڃي ها. اسان جي وڏڙن سنڌي زبان کي ساهہ سان سانڍيو ۽ سنڌي جي اصلوڪي سونهن ۽ سوڀيا کي هر حال ۾ سلامت رکيو. جيڪڏهن ڪي دراوڙي، آريائي ۽ عربي لفظ ورتائون تہ انهن کي سنڌي زبان جو ويس وڳو پارائي سنڌي ڪري ڪنيائون. ايتري قدر جو اهي لفظ هيئنر سڃاڻڻ ۾ ئي نـہ ٿا اچن، تہ اهي ڪي ٻين ٻولين جا لفظ هئا. دراوڙي ۽ آريائي لفظن سان تہ اهو عام قاعدو لاڳو آهي عربي زبان جا بہ

ڪي لفظ پنهنجي اصلوڪي صورت وڃائي صفا سنڌي
ٿي ويا آهن مثلاً سنڌي لفظ ”قنبر“ اصل عربي لفظ
”قنور“ جي بگڙيل بناوت آهي. پر هينئر ”قنبر“ ٺيٺ
سنڌي پيو لڳي.

ڏورا عربي لفظ اصلوڪي صورت ۾ به ڪتب آندا ويا
جيتوڻيڪ عربي زبان جي وڏن ماهرن جهڙوڪ: مخدوم
ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم ضياء الدين
مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي وغيره سنڌي زبان ۾ مذهبي
ڪتاب لکيا، تڏهن به سندن ڪتابن ۾ عربي زبان
گهڻا ڳنڀيا لفظ ڪم آيل ملندا، سي به اهي، جيڪي
ان وقت تائين عام رواج ۾ اچي چڪا هئا. باقي زور
ڪري عربي ۽ فارسي لفظ ڪم ڪونه آندا اٿن.

سنڌي شاعرن جيتوڻيڪ عروضي وزن قبول ڪيو
تڏهن به پنهنجي شعر ۾ عربي ۽ فارسي لفظن کي تمام
گهٽ جاءِ ڏنائون. مخدوم عبدالرئوف ڀٽي ۽ آخوند گل
جو شعر علم عروض موجب آهي، پر ان ۾ گهڻي قدر
ٺيٺ سنڌي ڪتب آيل آهي. انگريزن واري زماني جا
وچين ۽ پوئين دور جي شاعرن جي شعر ۾ عربي
فارسي لفظن جو استعمال ڪجهه قدر وڌيڪ نظر اچي
ٿو، پر ان هوندي به ايڏو گهٽو نه آهي، جو سنڌي
زبان جي خطري جو سبب بڻجي.

ان مان ثابت ٿيو، ته انگريزن جي دور تائين اسان
پنهنجي پر موجب هلياسين. البت ورهاڱي کان پو

سون تي سيڻ نه چا پر، ڪڪن، ڪانن تي هيرا لعل جوارن هٿان وڃائڻ شروع ڪياسون. اسان ايترو نه مت جا موڙهيل ٿي ويا آهيون، جو ســنڌي ۾ سوڌي راهه ڇڏي وڃي اوجهڙ ۾ پيا آهيون نتيجو اهو نڪتو آهي، جو ڪمدن ۾ وڃي پلاند اٽڪايو اٿسين. موتين جهڙا سلهائتا لفظ ڇـڏي ڪجسا، ڦڪا ۽ ٻسا لفظ پيا ڪم آڻيون. اڳي اسين جيڪي عربي لفظ ڪم آڻيندا هئاسين، هي صحيح نموني اُچاريندا هئاسين. هينئر ٻين جي پوئلڳيءَ ۾ غلط پيا اچاريون. اڳي اسين "سوال" سين کي پيش ڏيئي اچاريندا هئاسين. عربي لغت موجب صحيح به ائين آهي. پر هينئر 'سين' کي زبر ڏيئي پيا چئون "سوال" لفظ "محبت" اڳي "ميم" کي زبر ڏيئي اچاريندا هئاسون. عربي لغت موجب به ائين ئي صحيح آهي، پـر هينئر 'ميم' کي پيش ڏئي پيا اچاريون. انهيءَ سلسلي ۾ ريڊيو پاڪستان وارن نه ڪيمس ڪلور ڪري ڇڏيا آهن.

اهو ئـي سبب آهي، جو سنڌ جي سپرنج سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ اوهان کي صحيح صــلاح ڏني آهي نه ورهاڱي کان اڳـ واري زبان کي بنياد بنايو وڃي، ورهاڱي کان پوءِ اسان پنهنجي چال ڪاري ڇڏي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ وڃايل وکر ووڙيندڙ وينجهار سائين عبدالڪريم سنديلي ۽ سڄاڻ سنڌي ليکڪ سائين محمد ابراهيم جويي ڪيترا ئي مثال ڏنا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو اوهان کي چئلينج وارو ليک لکڻ جي

ضرورت نظر آئي.

اهو صحيح آهي ته جيڪڏهن اسان پنهنجي هلت چلت ۾ ڦيرو نه آندو، ته سنڌي زبان سچائيءَ کان ڀري ٿي ويندي، ٻولي ۾ جيڪڏهن حرف ۽ فعل به ٻين ٻولين جا آندا ويندا، ته پوءِ ان ٻوليءَ جو الله واهي آهي. اسان اهڙا ناسمجهه ٿي پيا آهيون. جو حرف ۽ فعل به ٻين ٻولين جا استعمال ڪرڻ شروع ڪيا اٿئون. اسان مان ڪيترا اردو فعل "اپنانا" مان "اپنايون" ڪري پيا ڪم آڻين. ليڪن، مگر، حتيٰ ڪ، لهاذا، ۽ اهڙن ٻين حرفن جو استعمال به عام ٿي ويو آهي. زير اضافت ۽ عربي "و" جو استعمال به گهڻو وڌي ويو آهي. ڪن شاعرن جي شعر ۾ ٻين ٻولين جي لفظن جي ايتري قدر ته ڀرمار آهي، جو ڪٿي ڪٿي فقط سنڌي فعل پيو نظر ايندو.

اهو رواج اسان جي ٻوليءَ لاءِ نهايت هاڃيڪار آهي. اسان جي اديبن ۽ شاعرن کي جيڪڏهن پنهنجي ٻوليءَ سان محبت آهي، ته انهيءَ غلط رواج کي هڪدم ختم ڪن. زور ڪري عربي ۽ فارسي لفظ ڪم نه آڻين. اڙدو لفظ ته آڻڻ ڏي نه گهرجن. اسان وٽ جيڪڏهن "منجهون هارڻ" جهڙو سهڻو اصطلاح موجود آهي، ته "آنسو وهائڻ" ڪم آڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي!؟

جيڪي عربي ۽ فارسي لفظ ادبي ۽ تنقيدي زبان ۾ ڪم اچن پيا، انهن جي بدران به ڪوشش ڪري نيٺ

سنڌي لفظ رواج ۾ آندا وڃن. مون پنهنجي مضمونن ۽ ڪتابن ۾ اهو تجربو ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

تنقيد جي بدران لفظ ”پرک“ آڻيندو آهيان ۽ تحقيق جي بدران ”پروڙ“ ڪم آڻيندو آهيان. مون پنهنجي هڪ ڪتاب جو نالو به ”پرک ۽ پروڙ“ رکيو آهي، ڏسان ٿو، ته منهنجي اها ڪوشش ڪامياب ٿي آهي، ۽ ڪيترا ليکڪ تنقيد ۽ تحقيق جي بدران ”پرک“ ۽ ”پروڙ“ ڪم آڻي رهيا آهن. ”تجزيو“ بدران ”کنا ڪيڙ“ ۽ ”اکيڙ“ آڻيندو آهيان. اهڙيءَ طرح ”فهرست“ جي بدران ”وچور“، ’وضاحت‘ بدران ”اپٽار“ ’دانشور‘ جي بدران ”سڄاڻ“ يا ”ڏاهو“ ڪم آڻيندو آهيان. ”مقدمه“ بدران ورهاڱي کان اڳ ”مهاڳ“ لفظ آندو ويندو هو، هينئر مقدمه بدران لفظ ”مهاڳ“ آندو وڃي ته وڌيڪ سٺو ٿيندو. خليفي گل هالائي پنهنجي ديوان ۾ پيش لفظ لاءِ لفظ ”مُهڙ“ آندو آهي. ان کان سواءِ ”وضاحت“ بدران لفظ ”چٽائي“ آندو اٿس. لفظ ”شرح“ بدران ”نکيڙ“ ۽ لفظ ”فصل“ بدران ”وات“ ڪم آندا اٿس. ”اختتام“ بدران پڄاڻي آندو اٿس.

اسان جي اڳين اديبن جڏهن اهي لفظ ڪم آندا آهن ته پوءِ اسان کي ڇو نه ڪم آڻڻ گهرجن. خليفو گل هالائي پهريون سنڌي شاعر آهي جنهن سنڌي زبان ۾ مڪمل ديوان لکيو. اسان جي عروضي شاعرن کي ان کان سبق سکڻ گهرجي، جنهن پڻ عربي ۽ فارسي

لفظن کان تہ گھٽي قدر پاسو ڪيو آهي؛ پر پيش لفظ، وضاحت، شرح وغيره بدران بہ ٺيٺ سنڌي لفظ ڪم آندا اٿس.

هن سلسلي ۾ شاعرن کان وڌيڪ اخبار نويس وڏا ويل وهائي رهيا آهن. شاعر ۽ اديب وري بہ سنئين رستي تي اچي رهيا آهن؛ پر اخبارن وارا ويران وير وڌ آهن. هو اردو تحرير جو بي ڍنگو نقل ڪري ٻوليءَ کي بگيڙي رهيا آهن. اخبار نويسن کي منهنجو نماڻو عرض آهي، تہ هيڊنگ ڏيندي يا خبر لکندي اڙدو زبان جي اسلوب بيان جي وهڪري ۾ وهي نہ وڃن؛ پر سنڌي زبان جي ستا ۽ ساخت کي نظر ۾ رکن.

آخر ۾ اوهان کي اهو عرض ڪندس، تہ اوهان جي ڪوشش ۽ ڪوٺ ڪارائتي آهي؛ پر ايتري ڏاڍائي بہ نہ ڪريو، جو سمورن عربي ۽ فارسي لفظن کي هڪالي ڪڍي ڇڏيو. ٻين ٻولين جا اهي لفظ جيڪي عام مروج ٿي ويا آهن، ۽ عام خاص جي زبان تي آهن، يا اهي لفظ جيڪي معياري ادبي زبان جو ورثو ٿي ويا آهن. انهن کي هرويرو ڪيڻ نہ ٿو سونهين. ڪن لفظن جي اسان کي ضرورت بہ آهي. مثال طور جيڪڏهن اوهان محترم جي بدران "سائين" يا "ديولي" لفظ آڻيندا، تہ ڪل جهڙي ڳالهہ ٿي پوندي.

اهڙي ڪوشش اسان جي ٻوليءَ جي مزاج ۽ فطرت جي خلاف آهي- انهيءَ ڪري ڪامياب ڪونہ ويندي.

سنڌي ر ..

ته دراوڙي، آريائي ۽ سميري ر.
ميسارجي وڃي ها، يا وري سنسڪرت، هپرو ۽ قديم ايراني وانگر مرده ٿي وڃي ها. سنڌي زبان زنده ٿي انهيءَ ڪري رهي آهي، جو هن نين نين ڏارائن کي پنهنجن اصولن موجب قبول ڪيو آهي. ان سان گڏ پنهنجي بنيادي سٽا کي به سلامت رکيو آهي.

هيٺئر به اسان کي اهو اصول نظر ۾ رکڻو آهي: ۽ هيءَ جيڪا ٻين ٻولين جي لفظن جي ٻڌ پڄي پيئي آهي، ان کي ٻنجو ڏيڻو آهي. ساڳي وقت جيڪي لفظ سري پري جاءِ وٺي ويا آهن، انهن کي به تڙي ڪيڻو ناهي. اميد ته هيءَ صلاح سڀاڻتي نظر ايندي.

ر

پوه كان ١١ن

سندي اڻ طرح اڄڙيءَ ڪليا

پڙهندي ته ڪڏهن رهيا. ملندا اشارا ۾ ي

حال ته آيو خيال نيٺ سمجهان. ٻيو هندون ...يون

حبيبان پيش پريان، ڪجهه نه ڪجهه ته موڪلجي.

هي ساهت جو سلسلو، جيڪو اوهان شروع ڪري

ڏنو آهي، سو جس جوڳو آهي، ڇاڪاڻ ته ماهرن جا

رايا، ڪري ۽ ڪوٽي جي پرک ۽ پروڙ لاءِ ڪسوٽيءَ

جو ڪم ڏيندا. هن ڏس ۾، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان

بلوچ، ادبي ميدان ۾ ٻهريون پڳ ڌريو آهي.

جناب ڊاڪٽر صاحب، جيڪا ساهت جي سچيءَ

دل سان خدمت ڪري ٿو، تنهن لاءِ ساري سنڌ سندس

ڳڻ ڳائي ٿي. هن پنهنجي رت ۽ ست سان، سنڌ جي

ساري زمين کي ريج ڏنو آهي. جنهن ڪري اپٽائتيءَ

زمين، جيڪي رنگين ادبي گل ٻوٽا ۽ ٻــن ٻوٽا پيدا

ڪيا آهن، تــن جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ ساري سنڌ واسي

ڇڏي آهي. لــوڪ ادب جيڪو ورهين کان واٽڻ ۽

وڻين ۾ ننڍڪن جيان پٽڪي رهيو هو، تنهن کي هٿ

ڪرڻ لاءِ پٽر ۽ ٻوٽا، رڻ ۽ راڙو، ڏڙا ۽ ڏنگ، جهر

۽ جهنگ جهاڳي، پنهنجي رٿيل ڪم کي وڃي راس
ڪيو. هي ڪو اهڙو سنئو ۽ سولو ڪم نه هو. جو
ڪن ۾ ڪٿي ونجي ها. هت ته جر مان سٺي ڳوالهي
هئي يا اونده ۾ نشان چٽڻو هو. فقط اهي ڏي نر نيهي،
اهڙي ڀاري ڪم جي سيڙهڻ ۽ سموهڻ جي تڪليف
جو ڪاٿو ڪري سگهندا، جن جا پير پٿرن پٿون ڪيا
هوندا يا چپرن ۾ چلي پيرن ۾ ڇالا پيا هوندا. ڪيڏي
نه ساهي منجهائڻي ٿوي ٿي! سچ پچ ته ڊاڪٽر صاحب
’ادبي ڏوبتير‘ آهي جو بي انت سمنڊ ۾ سر تان آهو
ڪٿي الله توهار ڪري ٿو. پوءِ هن جا لايا سجايا ٿين
ٿا ۽ جوتيون جواهرن جون آڻي سنڌ جي سڄڻ آڏو
رکي ٿو. توڻي جو قدر وارا گهٽي ڀاڳي آٿي ويا، پر
نڌهن به اڃا ڀي آهين، ڪل جڳ ۾ ڪي ڪاپڙي!
اهوئي سبب آهي، جو سنڌ جا سپوت اسان جي ڊاڪٽر
صاحب کي ”بابائي سنڌي“ جو خطاب ڏيڻ چاهين ٿا.
ڀلا، ڇو نه ملي! جڏهن ساري سنڌ جو ترو تانگهيندو
رهي ٿو، جنهن ڪري نه رڳو سنڌ جي ساهت تان
سالن جو سٽيل لٽ لهندو رهي ٿو، پر سنڌ جي سچي
تاريخ به گهٽي ڀاڳي ماندي رهي ٿي، جنهن مان بنيادي
نگن اکرن جو پورو پورو پتو پوندو وڃي ٿو. هن باري
۾ بندي جي راءِ آهي ته ”بابائي سنڌي“ جي اکين ٺار،
عينڪين جي هار ۽ ساهه جي سينگار خطاب بدران کين،
”سنڌ جو سپورنچ“ سڏيو وڃي ته لڪ ٿيو. اهو

انهيءَ ڪري چوان ٿو، جو ڊاڪٽر صاحب ڏرڙا، پرزڙا، ٽڪرڙا، ٽوٽڙا ۽ ڳيرا ڳنڍيي. وچايل وٿ وري هڪ واري همٿ ڪري، نج روپ ۾ ڏني ٿو، جنهن کي لوڪ ادب جي محاوري ۾ ”سپورنج“ چئبو آهي. سپورنج سنسڪرت لفظن جو ميل آهي: = چڱيءَ طرح سان + پورن = پورو = + انج = سينگارڻ - چڱيءَ طرح، پوري ريت سينگاريندڙ. ڊاڪٽر صاحب به لوڪ ادب کي پوريءَ طرح سينگاريو آهي. ”بابائي سنڌي“ ۾ زير اضافت آهي، جا ٿورڙي ڌيان ڇڪائڻ تي مجبور ڪري ٿي، تنهنڪري ٿلهو ڪاڻ: ٿلهو هنداڻ جي مثال، پنهنجو ديسي ۽ دل وارو خطاب ”سنڌ جو سپورنج“ ٺيڪ ٿيندو.

جناب ڊاڪٽر صاحب کان پوءِ محترم محمد ابراهيم جويي پنهنجي قلم جي ڪونتل کي ڪڏائي، ڪن نتيجن تي پهتو آهي، جي پڙهڻ پون ٿا. اهڙا پيا به نتيجا ڳولي، پنهنجي ادب جي رکوالي ڪيون، جنهن ۾ ڏئي اسان جي سنڌ جي سرمائي جو بچاءُ آهي. جويي صاحب جي لکڻيءَ مان ڏاهپ پئي بکي، چاڪاڻ ته هو صاحب، جهڙي چٽي ڳٽي پهي، ٿلي سلي، ۽ وڇائي ويچاري لکي ٿو، جنهنڪري پڙهندڙن جي هردي ۾ هنڌ ڪري وڃي ٿو. ڪيس ڏاهي ڪونڻ بدران ”سنڌ جو بيڪن“ چئون ته بهتر. جويي صاحب، منصوبي، سلاڪ تمام وغيره لفظن جي باري ۾ جو ڪجهه، لکيو آهي، سڀ سيڪڙو سچ آهي. جيڪڏهن هڪ لفظ جو رواج

اردو ٻوليءَ ۾ آهي ته اهو هروڀرو لازمي آهي ڇا، ته ساڳيو لفظ، ساڳي معنيٰ سان، سنڌي ۾ به واپرائجي! اها سنڌيءَ ٻوليءَ سان سچائپ نه چئبي. هرڪا ٻولي پنهنجي ڪل ۾ ڌي سونهن ٿي. جيڪڏهن ڪو عربي، فارسي، ترڪي، انگريزي وغيره لفظ سنڌي ۾ اچي ويو آهي، ۽ سڀڪو سمجهي رهيو آهي ته لفظ سنڌي چئبو، جيئن محترم پليجي صاحب جو خيال آهي، ان لاءِ هڪ ٻه مثال ڏجي ٿو. جنهن مان حقيقت جو پتو پوندو. سنڌي ۾ ”اسپنگر“ لفظ مشهور آهي، ليڪن اهو لفظ اصل ۾ فارسي ”اسپغول“ آهي. جيڪڏهن اسان بازار ۾ اسپغول جي گهر ڪنداسين ته شايد ڪاٿي ڪو سمجهي، سا ٻي ڳالهه آهي، باقي جهڙو تهڙو دڪاندار سمجهي نه سگهندو. سنڌي ”ناڦت“ (اٿاٽ) لفظ عام ڳالهايو ۽ لکيو وڃي ٿو، ليڪن اهو لفظ اصل ۾ ”نايافته“ (فارسي) جي بگڙيل صورت آهي. هي لفظ ته سنڌيءَ ورتا، پر عربيءَ به ڪيترا لفظ ٻين ٻولين کان ورتا آهن. جيئن ترڦلو، ڦري عربيءَ ۾ اطريفل ٿيو آهي. اصل لفظ آهي: ترڦي = ٽي + ڦل = ميوو. ٽي ميوا يا ڦل: هريڙون، ٻهيڙا ۽ آورا تجوڙي سنڌي آهي، پر اصل ۾ انگريزي لفظ (ٽريزري) آهي.

اهو دنيا جي ٻولين جو دستور آهي ته ڏين ٻه، ته وٺن ٻه. تنهنڪري جيڪي لفظ، سنڌيءَ جي ور چڙهي ويا ۽ پنهنجو حليو بدلائي ڇڏڪ ديسي ٿي ويا، سي

سواءِ شڪ شبهي جي سنڌي لفظ سمجهڻ کپن.

مٿي ڏيکاريل لفظن جي معنيٰ، عربي، فارسي توڙي انگريزي ۾ هڪ جهڙي آهي. جنهن تقلي جو مثال ڏنل آهي. ليڪن اردو ۽ عربي محاوري وارا ڪي لفظ، جڏهن سنڌيءَ ۾ اچن ٿا، تڏهن پنهنجي اصل معنيٰ کان ٻيءَ طرح ڪم اچن ٿا. پر اسان جا ڪيترا اخبارن وارا توڙي ريڊيي وارا، توڙي اديب، اهڙن لفظن کي ساڳيءَ معنيٰ ۾ وٺن ٿا، جو بنهه، غلط آهي. جيئن اسان جي "سنڌي جي بيڪن" منصوبو، هلاڪ ۽ تمام لفظن جا مثال ڏنا آهن. اهڙا ڪيترائي اردو محاوري جا لفظ آهن، جي ڏهاڙي ڳالهه ٻولهه ۽ ڪچهريءَ ۾ ڪم آڻيندا رهون ٿا.

مثلاً: جيڪڏهن فون تي توڙي سنڌي ۾ ڳالهائيندا سين ته به ورندي ڏيڻ لاءِ اردو لفظ: آڇا، آڇا، آڇا، آڇا، آڇا، پيا چوندا سين، ۽ ٻئي ٻـاسي وارو به ساڳي لات لنوندو. جڏهن اهڙن لفظن لاءِ، پنهنجا لفظ ٿي سگهن ٿا ته ڇو پرائي ڪتي کي هٿ لائجي! اسان وٽ آ جيءَ، جيءَ جيءَ، جيءَ جيءَ جيءَ، هاءِ ها ها، ها ها ها، چڱو، چڱو چڱو، چڱو چڱو، ٺيڪ، ٺيڪ ٺيڪ، ٺيڪ ٺيڪ ٺيڪ، کهڙا نه مٺڙا ۽ سادڙا، پر موهيندڙ لفظ آهن ته به ٻئي پاسي ناڻيندا رهون ٿا.

جيئن "ڏسو" ماستريائيون، هيڊماستريائيءَ يا آفيسريائيءَ کي آپا چون ٿيون. اهڙيءَ طرح ڇوڪريون وري ماستريائيءَ کي آپا چون ٿيون. جڏهن آپا لاءِ ڀيڻ ۽

اڌي لفظ موجود آهن ته پوءِ ٻين لفظن جو ڇو ڦيرو ڪجي؟ گهرن ۾ ٻه اڌي يا ڀيڻ کي باجي چون. ترڪيءَ ۾ باجي چون وڏيءَ ڀيڻ کي؛ ماميءَ کي خالا چون. ڀلا، ائين ڇو؟ اهڙي ڪا ويڙ وهي آئي آهي ڇا، جنهن ۾ اسان سڀ گهاجي ويا آهيون! جڏهن پنهنجو ڪافي وکر وهايل آهي؛ ته پوءِ ڇو نه، پنهنجيءَ مان پورت ڪجي.

تو وٽ ڀنڀور پنهنجو، وڃ مڙيوئي وٽ،
سا ڪا ڪونهي ڀٽ، جنهن ۾ نشو نينهن جو.

سنڌي اخبارن ۽ ريڊيي وارن ته رڻ ڪري ڇڏيو آهي. محاورا سنڌيءَ ۾ ٺهن نه ٺهن، ته ٻه ٽنهيو ٻيڻا آهن. تنهن ڏينهن اخبار ۾ آيو: ... چار وڇائيندا سين. چار وڇائڻ؛ چار پکيڙڻ، چار وجهڻ، چار اڇلائڻ، وغيره شڪارين جا اصطلاح آهن؛ خبر ناهي ته ڇو اهي جال ٻڇائڻ، جال ڦهلائڻ، جال ڦهينڪڻ، جهڙا جاڳندا لفظ ڪم آڻيندا رهن ٿا. چار، اصل ۾ جال آهي؛ جنهن جو بنياد يا ذاتيو آهي: جل جل جون ٿي معنائون آهن: ڍڪڻ، مارڻ ۽ اڇلائڻ چاريءَ مان ڪنهن شيءِ، مڇيءَ، ٽوڙي وغيره کي ڍڪيو آهي، پکي مارڻ لاءِ، چار وڇائبو آهي. مڇي مارڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ چار اڇلائبو آهي. تنهنڪري ائين چوڻ ته ريلن جو چار وڇائيندا سين، غلط آهي. چوڻ کپي: سنڌ ۾ ڇپي ڇپي تي مسافرخانا ٺهرائيندا سين يا ڇپي ڇپي تي نلڪا هڻائيندا سين. هت هڪڙو مثال ڏيڻ اچي ٿو. ڪنهن اداري طرفان، مون کي ٻن سالن

ڪان انگريزي سنڌي لغت جو ڪم سونپيل آهي، ۽ شايد ڊسمبر ۾ پورو ڪري ڏيان. هڪ لڳا، ترجمي ڪيل لفظن جي هڪ تڙ ناهي، واسطيدار آفيسر کي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ موڪلي ڏنم. هڪ انگريزي لفظ جو ترجمو ٻني ٻارو ڪيو هوم، پر سڌارڪ صاحب کي اهو لفظ نه آوڙيو؛ جنهن ڪري لفظ کي ترڪي (ليڪ ڏيئي) ڪيتي ٻاڙي لکي موڪلايائين ۽ پنهنجي ليٽر ۾ "شد" "مد" سان لکيائين ته منهنجون درستيون خيال ۾ رکي، ڪم ڪندا رهو. جيستائين ڪ سڌارڪ صاحب آئي هو، تيستائين وري ٻي تڙ موڪلڻ جي سگهه ساري نه سگهيس ته متان هٽي لفظن جا پاڳا پيري وجهي. هائي ٻڌايو ته ٻني ٻارو پنهنجو ديسي محاورو ٺيڪ آهي. يا اردوءَ جو ڪيتي ٻاڙي!

اردو محاورن کي هينئين سان هنڊائجي، پر اهڙيءَ طرح جو لعل ٻه ليي ۽ پريت ٻه رهجي اچي. جيڪڏهن جيئري جاڳندي تصوير چڪبي ته آهو لائي ۽ ساهه نه رهندو. مثلاً: اردوءَ ۾ لکندا آهن: مثال ڪي طور پر. اسان ٻه لکندا آهيون: مثال جي طور تي، فرق ڪيڏو رهيو؟ اڄ هڪ دوست آيو ۽ چوڻ لڳو ته، ڪرسي ڪم مون ڪان نه پڇو ها؟ گهٽ ۾ گهٽ چون ڪان الاجي چو ڪيئن دائين. ڪانئس پڇيم ته، "ادا، مون وارو ڪتاب؟" چيائين، "اڄ ڪلهه موٽائي ڏيندس." ڪيس چوڻ کپندو هو ته اڄ سڀان موڪلي ڏيندس. اردو ۾ ڪل گذريل

۽ ايندڙ ڏينهن لاءِ ڪم ايندو آهي، پر اسان وٽ يعني سنڌيءَ ۾ رڳو گذريل ڏينهن لاءِ ئي ڪم ايندو آهي. پر جيڪڏهن سنڌي محاوري ۾ اڄ ڪلهه جو استعمال ڪيون ته موجوده وقت جي معنيٰ ڏيکاريندو. جيئن: اڄ ڪلهه علم ڪٿي. مطلب آهي ته اڄوڪي وقت ۾ علم جي اٺاڻ آهي. هيٺين پهاڪي مان به اڄ ڪلهه جي ادائي معنيٰ نڪري ٿي.

اڄ ڪلهه جا جوان، ڪاتي جا ميان،
ڏکو ڏين پين کي، ته ڪري پون پاڻ.
ڏوڪ کي مذاق، ٿنهن مان مذاق آڏاڻ چون.

جيڪو ڏاڍو سو ڳاڀرو کي چون: جس کي لائي آس کي ڀڃيس. هڪ ميٽنگ ۾ ويٺا هياسين ته هڪ ميمبر صاحب چيو ته، ”پهريائين ڪم جو ڍانچو تيار ڪيون.“ ڍانچي لاءِ سنڌي ۾ خاڪو لفظ موجود آهي ته، پوءِ چو (سمجهه × دار) ڏڙ ريڊيو سمي پاڪري. واري لفظ کي پنهنجو ڪيون؟

اخبارن ۽ ريڊيٽي وارن ته سمجهوتو لفظ کي ڪڙي قابو ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سمجهوتو لاءِ پرچاءُ، ڏاءِ لفظ موجود آهن. تنهن کان سواءِ ٿورو پريرا لفظ: صلح، راضي نامون به موجود آهن. رمضان مهني ۾: روزي رکڻ کي اوقات سحري ۽ روزي چوڙڻ کي اوقات افطاري چيائون. دوا جي ڊوز کي ڪي ڊوز چون ته ڪي خوراڪ ڏوڙي جو اسان وٽ انهن جا بدل آهن ۽ پيئا

لفظ موجود آهن. دوا جا ٽي آڄر معنيٰ ٽي وزن. ڪاٺيءَ ڪان پرهيز ڪرڻ ڪي؛ ڪي پرهيز چون ٻـر ان لاءِ به رک ۽ ڪيري لفظ موجود آهن. سنڌيو ڪي هم زلف ۽ پيٽوڙي ڪي ڀائيجان چون. رشوت لاءِ رسائي ۽ وڍي لفظ ڪم آڻجن. هڪ چوڻي:

هٿ ۾ وڍي، ڪـُـر ٻتيڍي، ته ڪم ٿيٿيڻي.

يعني آفيسر کي رشوت ڏيڻي، آهلائي وجهينس ته ڪم ٿيندءِ. يعني: گهڻي رشوت ڏينس. ائنٽي ڪرپشن کاتي کي رسائي توڙ کاتو چئجي.

بهرحال جيڪڏهن سارو سمنڊ سوڌيو ته الاجي ڇا ڇا نڪري نروار ٿيندو. اسان جو اهو مطلب نه آهي ته وهي نه وهي، وٺ رينگٽ کي! پر جيڪڏهن عـربي، فارسي، انگريزي وغيره لفظ زبان تي چڙهي ويـا آهن ته ڇو نه ڪم آڻجن. جيئن دڪان، دوا، گلاس، گڏس، گاسليٽ وغيره. پر اهو مناسب نه ٿيندو جو ڄاڻي واڻي، مزور کي مزدور، ڪڙميءَ کي ڪسان، ٻورچيءَ کـي باورچي، ڪاٺين کي لڪڙي، خرار کي خروار، کسکس کي خشخاش وغيره چئون. جيڪڏهن اڃا به ان آئل کي ٻنڌو نه ڏنو ويو تـه اهو سيڪ، سنڌي ادب جي مضبوط ڪوٽ کي (خدانخواسته شل شيطان جا ڪن ٻوڙا هجن) پنهنجي اثر ۾ آڻي ڇڏيندو، جنهنڪري پڪيون ڀتيون به ڪلر ڇاڻينديون رهنديون. پوءِ جيڪا متاڪٽ ڪبي سـا ويڙهـ وينديءَ. جيڻري ڪجهه نه

ڪياڱون، مٿي ٻڌ ٻڌ پٺياڻون، ان ڪري سنڌ جي اديبن کي عرض آهي ته هينئر ڪان ئي ان ليٽ کي لٿي مٿي ڪرڻ لاءِ، سنڌ رو ساهي ٻڌن ته جيئن ڪتان ٻه روڻ نه پوي.

عمر، اسان ابوجهلا، تلولا نه تاليون،
ڇورا، ڇنڊيل ڇتڙا، ڪنين ول واليون،
طعاما آڇ مر تن کي جي ڏٽن جون ڏاليون،
آليون ۽ لاليون اسان چوڪا چت ۾.

تنوير عباسي

سرمد هائوس، خيرپور جيئي سنڌ

٨ فيبروري ١٩٧٣ع

پيارا ڀاءُ عبدالغفور،

توهان جو خط مليو، يادگيريءَ لاءِ مهرباني، مان حيدرآباد ايندو آهيان ته هر دفعي ملير ڪتاب گهر تان ڪتاب خريد ڪندو آهيان ۽ توهان جو پڇندو آهيان، هر دفعي توهان نه ملندا آهيو، اميد ته ملڻ ٿيندو.

اوهان ملير ۾ لکڻ لاءِ چيو آهي. مان خاص ڪري "سنڌي ٻوليءَ کي للڪار" وارو مضمون سنڌيءَ جي هڪ نمائي شاگرد وانگر پڙهندو آهيان. اهو تمام سٺو موضوع شروع ڪيو اٿوَ. اسان جي ٻوليءَ کي هن دور ۾ جيترو بگاڙيو ويو آهي اوترو سڌاريو نه ويو آهي. اسان جي نئين دور جي شاعريءَ توڙي افسانن اسان کي صاف- سٺي ۽ سهڻي ٻولي- نوان لفظ- نيون تشبيهون ڏنيون آهن ته ريڊيو ۽ اخبارن اسان جي سهڻي سڌا ملوڪ ٻوليءَ جو منهن بگاڙيو آهي.

هرويرو ائين به نه هجي جو ٻولي اها لکجي جيڪا پراڻي هجي ڇو ته نئين سائنسي ۽ صنعتي دور جي سوچ به اڳئين دور کان جدا آهي ان ڪري ان سوچ جو اظهار به ٻئي قسم جي ٻوليءَ ۾ ٿي سگهندو.

شيڪسپيئر ۽ پائونڊ جي انگريزي ساڳي ناهي. نه وري امرالقيس ۽ طه حسين جي عربي ساڳي آهي. پر اصل مقصد آهي ٻوليءَ جي سونهن سيبائتي ۽ وياڪرڻ برقرار رهي، ته ان ۾ نوان نوان لفظ به شامل ٿيندا اچن، جيڪي نون سائنسي ڏوڙي صنعتي خيالن جي ترجماني ڪري سگهن.

اسان جي ٻوليءَ ۾ وڏو ڀنڊار آهي. آخر انگريزن به سائنسي لفظ آسمان مان ڪونه آندا آهن. هڪ لفظ آهي Voice Vocal-Cord معنيٰ آواز وارو. Cord يعني "آوازي ڏوريون" جيڪي نڙگهٽ ۾ آواز پيدا ڪن ٿيون.

ساڳي طرح Lucas معنيٰ اڇو. Leucoma معنيٰ اک تي "اڇو ڦلو" ۾ ساڳيو Leudoderma Leueo اڇو Derna معنيٰ کل. يعني اڇي کل. Moion معنيٰ چرپر. موٽر Motor معنيٰ چوريندڙ. Motor Boat چرنـدڙ ٻيڙي. Motercycle معنيٰ چرندڙ سائيڪل: Motor Car معنيٰ چرندڙ گاڏي ۽ ائين Motor مان الائي ڪيترا لفظ ٺهيا.

اسان وٽ به ائين لفظ موجود آهن. ڪي ته اهڙا حيرت ۾ وجهندڙ آهن جو لفظ ۾ ان جي معنيٰ ظاهر آهي. جيئن ٽڪنڊو. چوڪنڊو. پنج ڪنڊو. گولي ڪنڊ. ويڪري ڪنڊ. هاڻي سوچيو ته مثلث. مربع سولو يــا ميءَ لفظ سولا.

اکين جـي بيماري آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ Nebule (اکــ جي تاري تي ڌنڌ) سنڌيءَ ۾ ڇارو- انگريزيءَ ۾ Leucome (اکـــ جي تاري تي اڇو ٽڪو) سنڌيءَ ۾ رتي- انگريزيءَ ۾ Siaphyloma سنڌيءَ ۾ ڦلو- ساڳيءَ ريت Ptoringuim کي ڇون انب.

هڪ ذهني مرض آهي جنهن ۾ مريض ننڊ ۾ گهمندو آهي. ان کي سنڌيءَ ۾ چون "اوٺـارو" اسان جا ڪاماڻي ڪيترا عام بدن جا لفظ ٻڌائيندا.

تہ اصول اهو ٺاهجي تہ جيڪي لفظ اڳ ۾ استعمال ۾ آهن، ۽ سمجهڻ ۾ سولا آهن اهي قائم رکجن. جيڪي لفظ موجود ناهن اهي ٺاهجن جيئن Motor مان انگريزن ٺاهيا، ۽ جي سولائيءَ سان ذهن ۽ عام ماڻهوءَ جي سمجهہ جهڙا هجن تہ ٺيڪ، نہ تہ اهي انگريزي ئي رهڻ ڏجن، جيئن ريل- گلاس- ٽيشن- ٽڪيٽ انهن لفظن کي ترجمو ڪبو تہ اجايو مونجهارو ٿيندو.

جي ٻولي کي بچائڻو آهي تہ اخبارن ۽ ريڊيو کي ڪا ميڙ وجهجڻي.

ڪي لکن پرڌيهي وزير ڪي لـکن وزير خارجہ ماڻهو منجهي پون تـہ ڪالهہ پرڌيهي وزير کي ڪ نئون ڪاٿو بہ ڏنو اٿائون.

اهڙن لفظن جي هڪ وڇور ٺاهجي ۽ سڀني اخبارن ۽ ريڊيو وارن کي موڪلجي جيئن هڪ لفظ ڪتب آڻيز ساڳيءَ طرح ڪيترا اخباري لفظ Jnited nation

جهڙا ترجمو ڪري هڪ اهڙي معياري لسٽ ٺاهي سڀني اخبارن جي نيوز ايڊيٽرن آڏو رکي ڇڏجي جيئن اهي خبرن لکڻ مهل ان تي نظر وجهي يڪدم مطلب جو لفظ ڳولي سگهن.

مطلب ته وچٿرو طريقو اختيار ڪجي- نه ڪي ماضيءَ جي رسي سان پاڻ کي ٻڌي ڇڏجي جو اڳتي چرڻ به ڏکيو ٿي پوي، ۽ نه وري ان سان سڀ ناتا ٽوڙي ڇڏجن.

صاحب خان چنو

شاهه ۽ سنڌي ٻولي

فرد ۽ سوسائٽي جي مجموعي فڪر ۽ شعور جو تعين ماحول، مادي حالتون، دنياوي ۽ سماجي حقيقتون ڪن ٿيون. هر فڪر ۽ فلسفو پنهنجي ماحول سان گهري نسبت ۽ لاڳاپو رکي ٿو. هر شيءِ اضافي آهي. شاهه جو شعر ۽ فڪر پڻ پنهنجي وقت جي ماحول ۽ دنياوي حالتن جي نمائندگي ڪري ٿو. هي جو سندس شعر اسان کي اڄين لڳي رهيو آهي ڇڻ حال جي باري ۾ لکيو اٿس. ان جو سبب اهو آهي ته سنڌ وري ساڳين سورن ۾ آهي. سنڌ جي حالتن وري ساڳيو ڦيرو کاڌو آهي ولات وري سبق ڏنو آهي. "ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين؟" اسان کي وري احساس ٿيو آهي "جيها ڪي تيها، مارو مون مڃيا" واقعن وري ثابت ڪيو آهي "ڏُريان ڏي ڌاريان، مٽ. مٽيءَ جا نه ٿيا" اسان وري محسوس ڪيو آهي. "حيف تنين تي هوءِ، وطن جن وساريو" سنڌ ۾ رهي وري ساڳي سنڌ دشمني ڪئي پئي وڃي. سنڌي کي مٽائڻ جا وري ساڳيا سانباها آهن. سنڌ مٿان ڌاري ٻولي مڙهڻ جون وري ساڳيون

ڪوششون آهن. تاريخ وري پنهنجو پاڻ کي دهرائي ٿي.
سنڌ ۾ ٻوليءَ جو مسئلو ڪو نئون ڪونه آهي ۽
نه ئي ڌاري ٻولي ڳالهائيندڙن طرفان پنهنجي ٻولي
مڙهڻ جي ڪوشش ڪا نئين آهي اهڙي طرح سنڌي
حڪمران ٽولي طرفان پنهنجي ٻولي سان بيوفائي ۽ ڌارين
کي خوش ڪرڻ جي نيت ڪا نئين آهي ۽ نه ئي سڄاڳ
سنڌين طرفان ڌاري ٻولي ۽ ان جي سالارين تي جهلهون
نيون آهن. سومرن ۽ سمن جي دور کان پوءِ ارغون،
ترخان ۽ مغل دورن ۾ شعوري ڪوششون ويون سنڌيءَ
بدران فارسي ٻولي کي نوازيو ويو، جيئن پاڪستان
ٺهڻ کان پوءِ سنڌيءَ بدران اردو کي نوازڻ جون
ڪوششون ڪيون ويون. جنهن به ڏيهي پرڏيهي ان
ٻولي تي عبور ٿي حاصل ڪيو تنهن کي وڏا وڏا عهدا
ٿي مليا. فارسي کان غير واقف هئڻ وارن کي حڪومت
۽ دربار جي ڪاروبار ۾ ڪوبه دخل نه هو. فارسي سکڻ،
پڙهڻ ۽ لکڻ کي وڏ ماڻهپي ۽ علمي فضيلت جو معيار
مقرر ڪيو ويو. مشهور چوڻي "فارسي گهوڙي چاڙهسي"
ان ماحول جي پوري عڪاسي ٿي ڪري. هڪ سنڌي
پنهنجي ٻئي ڀاءُ ڏانهن، موجوده پنجاب جي باشندن
وانگر، سنڌي ٻوليءَ ۾ خط پٽ لکڻ به شرم محسوس
ڪندو هو. سنڌي کي دهقاني ٻولي سمجهيو ويندو هو.
اها گهر جي چار ديواري ۾ بند هئي يا سنڌ جا مال
چاريندڙ مارو ڳالهائيندي نظر ايندا هئا.

ڪلهوڙا جيتوڻيڪ سنڌي نسل جا هئا پر جيئن ته پيري مريدي جي ڌنڌي مان ترقي ڪري حڪمران بنيا هئا، تنهن ڪري هنن پنهنجي سلامتي انهيءَ ۾ سمجهي ته فارسي جي مذهبي ۽ سياسي حيثيت برقرار رکن. هنن کي هڪ طرف فارسي نواز ايراني، قنڌاري ۽ افغان حڪمرانن سان ڏهي هلڻو هو. جن جي هو آنڪي ڀريندا هئا. ٻئي طرف کين سنڌ جي ڦيڻل طبقي کي راضي رکڻو هو، جو گهڻي ڀاڱي فارسي جي وسيلي ان پد تي پهچڻ ڪري ان جو سخت حامي هو. پاڙيسري طاقتور حاڪمن ۽ ملڪي ڦيڻل طبقي سان ڦٽائي، ڪلهوڙا پنهنجي سياسي مستقبل کي خطري ۾ آڻڻ جو جوکو کڻڻ لاءِ تيار نه هئا، تنهنڪري هنن ۾ اها جرئت نه ٿي جو فارسي کان سنڌس جائز حيثيت کسي، سنڌي ٻولي کي پنهنجو جائز مقام ڏين. هنن سلامتي انهيءَ ۾ سمجهي جو موڙهو پنهنجي اصليت بدلائي عباسي سڏائي عرب ٿي ويا، جيئن موجوده دور ۾ ڪيترا آرائين ٿي وڃن. وقتي فائدو حاصل ڪندڙن هميشه حڪمران نسل مان سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو آهي: اهو ئي سبب آهي جو سنڌي هندن ۾ آريه سڏائڻ ۽ مسلمانن ۾ عرب سڏائڻ جو مرض پيو. هي پراڻي طنزي چوڻي ”هن سال قريشي ٿيو آهيان ايندڙ سال سيد ٿيندس،“ ان ذهنيت جي پوري ترجماني ڪري ٿي. ان وقت فارسي لاءِ لڳ ڀڳ اهو ماحول هو جو ون يونٽي دور

۾ اردو لاءِ پيدا ڪيو ويو هو. سنڌي وزيرن تي به اردو جا دورا پوندا هئا ۽ ڏينهن رات واعظ ڪندي نه ٿڪبا هئا ته ”اي سنڌيو! اردو سکو نه ته سوين سال پوئتي رهجي ويندا، پوءِ نه چئجو ته اسان کي خبر نه هئي.“ سنڌين کي خبر هئي ته ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“ جي ماحول پيدا ڪندڙن کي انهي ساڳي سنڌ ۾ تاريخ اهو سبق ڏنو جو بدحواس ٿي چوڻو پين ته ”پڙهيو فارسي وڪڻو تيل، ڏسو يارو قسمت جو کيل“ ڪين سنڌين بدران سنڌي نه سکندڙن کي صلاح ڏيڻ گهربي هئي ته سنڌ ۾ رهڻ چاهيو ٿا ته سنڌي سکو نه ته اوهان کي به قسمت جو کيل ڏسڻو پوندو.

لطيف بلڪل اهڙي ماحول ۾ اک کولي جڏهن ڪوبه اعليٰ فڪر فارسي بدران سنڌي ۾ پيش ڪرڻ فضول ۽ ناممڪن سمجهيو ويندو هو. فلسفي ۽ حڪمت جون ڳالهيون فقط فارسي لاءِ مخصوص سمجهيون وينديون هيون، جيئن ڪجهه عرصو اڳ جڙتو پرچار ڪئي ويندي هئي ته سائنسي فڪر کي جذب ڪرڻ سنڌي ٻوليءَ جي وس جي ڳالهه نه آهي. فارسي نه ڄاڻندڙ شخص کي ڪمتر ۽ ڪم فهم مخلوق سمجهيو ويندو هو. فارسي تي دسترس رکندڙ کي عقل ۽ دانش جو صاحب ۽ اعليٰ مرتبي جو مالڪ سمجهيو ويندو هو. لطيف اهڙي غلام ذهنيت واري ماحول خلاف بغاوت ڪندي فارسي جي ڪوڙي وڏيرپ کي هن طرح ٽوڙ ۾ ملايو:

جي فارسي سکيو، ڳولو ڏوهه غلام،
اڳيو ٿان آب ڳهري، بکيو ٿان طعام،
اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نه ٿئي!

پنهنجي ابائي پر وساري ڌارين جو طور طريقو اختيار ڪرڻ سان ڪو شخص حاڪمن وٽ ڪيتري به پهچ رکي پر تنهن به ڪيس غلامانه ذهنيت هئڻ ڪري خسيس ۽ رواجي شمار ڪبو. شهسين سينگار ڪرڻ سان گڏهه مان گلفام ڪونه ٿيندو. هن مرون ۾ سندي ماس تي ماڻڪ مڙيا آهن. سون تي سهڻ مڙائڻ وارو وهنوار قطعن غير سنڌي آهي ۽ ڪنهن به صورت ۾ عزت ۽ تقليد لائق نه آهي.

شاهه فارسي جي ڪوڙي وقار جا ڏاڍوڙا فقط انهي بيت وسيلي نه ڪيا آهن پر فارسي ۽ فارسي ڳالهائيندڙن لاءِ هن جي حقارت ڪيترن ٻين بيتن ۾ نهايت چٽي ۽ ظاهر آهي. هڪ هنڌ هو چوي ٿو:

پيم پٺاڻن سين، ٻولي جي نه ٻجهن،
مون سنڌي جو سهيو ڪريان، هو پارسيون پڇن،
مون پڻ ملاڻن، سرتيون سور پرائيو!

سنڌي ٻدران فارسي ۾ گفتگو ڪندڙ ڪوڙن عالمن جي ڪچهري مان شاهه صاحب کي اهو ڏي ذهني ڪرب ۽ پيڙا پراپت ٿي آهي، جيڪا هن دور ۾ هڪ سچو قوم پرست ٻن سنڌي عالمن کي سنڌي ٻدران اردو ۾ گفتگو ڪندي محسوس ڪري. اهڙن ماڻهن کان لطيف

پنهنجي گهري آهي، هو چوي ٿو:

برو بگيرد جي، ڏين پارسيون پاڻ ۾،
مون لوڏن ڏي لکيا، تہ هاڃا ڪندا هي،
ماريندا مون کي، پنهون نيندا پاڻ سين!

سنڌ اندر رهي ڏاري ٻولي ڳالهائيندڙن کي لطيف ملڪ ۽ قوم جي وقار ۽ آزادي لاءِ هاڃيڪار سمجهي ٿو. اهڙن هڃارن مان چڱائي جي اميد رکڻ ٻهرن کان ٻهر گهرڻ برابر آهي. ناڳن کي کير پيارڻ مان نيٺ نقصان رسندو. وڇون پنهنجي عادت پٺاندر اوس ڏنگ هڻندو، اوڇو، نہ ڇڏيندي اوڇهري ٻوڙي ڏوپندي منجهہ درياھ.

لطيف نہ صرف اهڙن شخصن لاءِ ڀرپور حقارت رکي ٿو پر انهن جي ٻولي، تهذيب ۽ هر شيءِ کان بيزاري ڏيکاري ٿو. هو پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ وطن جي هر چيز سان پيار ڪري ٿو. هن فارسي ٻولي سان فارسي شاعري جي بحر وزن اپنائڻ کان بہ پاسو ڪيو ۽ سنڌي ٻولي جي وسعت، رواني ۽ حسن کان آشنا ٿيڻ لاءِ عالمن ٽوڙي ڏراڙن سان روح رهاڻيون ڪيون. انهيءَ ڪري ڏي هن جا بحر، وزن، تشبيهون، استعارا، بندشون، انداز فڪر سڀ نيٺ سنڌي آهن.

رسالي جو مطالعو ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ تمام سادي، سلوڻي ۽ سهڻي ٻولي ۾ اعليٰ ۽ نفيس ترين فڪر جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي. جڏهن تہ هو فڪر ۽ فلسفي جو ديو سنڌي ٻوليءَ جي بوتل ۾ بند ڪرڻ ۾ ڪامياب

تي وڌو آهي. اهوئي سبب آهي جڏهن فلسفيانه نڪتا ٻڪرارن جي ٻوليءَ ۾ پيش ٿيا تڏهن دنيا دنگ رهجي وئي ۽ سڄي سنڌ جهومي اٿي. غالب ۽ اقبال اردو جا نمائنده شاعر چيا وڃن ٿا، تن جو گهڻي ڀاڱي شعر فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. هنن صاف اعتراف ڪيو آهي ته اردو ٻولي ۾ اعليٰ فڪر پيش ڪرڻ جي صلاحيت نه آهي، ان ڪري هو اعليٰ ۽ اوچا فڪر فارسي ذريعي ظاهر ڪرڻ تي مجبور آهن. پر صديون اڳ سنڌ جي قومي شاعر سنڌي بابت اهڙي ڪابه شڪايت نٿو رکي ۽ غالب ۽ اقبال کان به اعليٰ ۽ نفيس فڪر سنڌي ٻولي ۾ پيش ڪري ويو. فردوسي ايراني مزاج ۽ فڪر کي ”شاهنامه“ ۾ بند ڪري وڏي فخر سان دعويٰ ڪئي هئي ”فارسي ۾ عجم کي زنده ڪري ڇڏيو اٿم“ شاهه بغير اهڙي دعويٰ ڪرڻ جي ان کان به عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو ۽ سنڌي فڪر ۽ شعور کي ”رسالي“ جو روپ ڏئي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي هميشه لاءِ زنده ڪري ڇڏيو.

تاج جويو (سن)

ڏاڏاڻي ڏيهه جي سُريلي ۽ ساڃاهي، ماڪيءَ کان وڌ مٺڙي سنڌوءَ جي لُڙاٽيل پاڻيءَ ۾ ڌوپيل اڇڙي ٿيل سنڌي ٻوليءَ جي سهائتا ۽ سنهار سِير جي ڏاڻ ڏيئي ڪبي. ٻولي ساڃهه جو ساهه هوندي آهي. ڌرتي ۽ ٻوليءَ جو ڳانڍاپو فطري ڳانڍاپو آهي. دنيا جا ڏيهه (ملڪ) ٻولين جي نالن سان ۽ ٻوليون ڏيهن جي نالن سان سڃاتيون آهن. جنهن ٻوليءَ کي ديش نه آهي اها ماڻهن جي جيءَ ۾ جاڙون جوڙي نه سگهندي. جا جيتري جهوني هوندي اها اوتري سگهاري ۽ جيئڻ جوڳي هوندي. جيئن ڌرتي ٻيڙي نه ٿيندي آهي تيئن ٻولي به ٻيڙي نه ٿيندي آهي پر سدا سهاڳڻ ۽ جوان جماڻ رهندي آهي.

جيڏي ٻولي جهوني اڏو منجهس "ٻولن" جو جهجهو "جُهڳٽ" آهي "ٻول" صدين کان صديون ٻوليءَ جي "ڪارب" (ساڃهه) ۾ گهڙجي چِلجي سهٽا ۽ سريلا بڻجي پوندا آهن. جن جو آچار ۽ ورجاءُ زبان ۾ آنڪاءُ نه ڪندو آهي. صدين جي گهاڙ اکرن جون انگهون ۽ گهٻ گهڙي لسو ۽ وڻندڙ بڻائي ڇڏيندي آهي.

سنڌ جي ساڃهه جي ٻولي ٻنهه جهوني ٻولي آهي.

اهـا ”ٻولن“ جي اڪٺ ڪان آهي. ڳالهيٺي ڪان ٻاهر منجهس لفظ ليندا. ان جو جيترو جاڳندو مثال سنڌي ادبي بورڊ پـاران ڇاپايل الف - ب - پ ”ٻولن“ جي اڀوري ”ڪروينجهه“ (لغت) آهي.

اسان جي ديش ۾ ڪئين قومون ڪيتريون ٻوليون ڪڻي پهتيون آهن. پر اهي قومون ۽ ٻوليون سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي صحت ۽ سڏاءَ جو ڪـب ۽ جڙاءَ آڏو هام هڻي نه سگهيون ۽ منجهن سمائجي ”هڪ وجود“ ٿي ويون.

اسان جي ڏيهه ۽ ٻوليءَ لاءِ ڏکيا ڏينهن به آيـا لطيف گهوٽ جي ڏينهن ۾ سنڌ جا ڪيترا شاعر فارسي جي ”ڪوڙڪي“ ۾ ڦاسي پيا.

سنڌ پونءَ جا پُسيون ۽ پيرُون، نمن جو ٻُور ۽ آڪ ڦُلڙيون، ڪانڊيري جا رَتا گـل ۽ ڦوڳن جي ڦُلار، پانت پانت جا گاهه ۽ گـل، ٻوٽا ۽ وڻ انهن ڪان ڏٺا ئي نه ٿي ٿيا. ڌارئين ديس جا سرو ۽ سَوسن سنبل ۽ ريحان کين وڏيڪ وڻيا ۽ پيارا لڳا ٿي. ڳيرن جي ”ڳُٽ ڳُٽ“ چٽُن جي ”چونڪار“ ۽ ڪوئل جي ”ڪوڪو“ بدران بلبل و قمري ۽ نـه چاڻ ڪهڙن ڪهڙن پکين جا سر پانءَ ٿي پين!

چٽن کي اها به چاڻ نه هئي ته سنڌ ۾ بلبل کي ”بربل“ ۽ ”پوري“ به چوندا آهن. اها باغن ۽ گاڙارن ۾ نه پر ”چارين“ ۽ ”ڪڙن“ ۾ وانهيرا اڏيندي آهي.

ڪرڙن ۽ ٻيرين جي لامن تي لاتيون لنوندي آهي، ٻيرون ۽ ٻُسيون ٻڪا ۽ ٻير کائي "تڪڙو تڪڙو" ڪندي آهي.

اهڙي ڏکئي سمي ۾ شاعرن جي چِٽ، سنڌ ڌڻيءَ شاھ لطيف ڌارئين ديس جي سرو ۽ سوسن کان ڏاڍائي ڏيھ جا ڪرڙ ۽ ڪنڊا ڀلا ڀانيا، پرائي ڏيھ جي گلن ۽ غنچن کان سنڌ ڌرتيءَ جي ڌوڙ کي مٺ ڀانيو.

شاھ جون هي سٽون!

"سڄڻ جي ساٿيھ، تہ بہ ونيئا ورڌو
گھورڀو سو پرڏيھ، ڌوڙي ڦُلان چانيڻو!"

ساٿيھ جي سڪ جو ڪنڊو نہ سڱڻو ۽ ان ومرندڙ سبق ڏين ٿيون. فارسي زبان جي ٻوليان "ڦيرا پاڙيندڙن" سنڌي شاعرن ۾ عام ماڻھن کي شاھ سائين پنھنجي ڪلام ۾ "گولي" ۽ "غلام" جھڙن لفظن سان سڏيو آهي.

چي: "جي ڌو سکي فارسي، گولو ڌوھ غلام".

ٻوليءَ ۽ ساٿيھ جي سچي سڪ ان کي ڪرنجي.

جيڪڏهن لاکيڻو لطيف ان اوکيءَ گھڙيءَ ۾ باغي بڻجي، سنڌي ٻوليءَ جو جھنڊو نہ جھولائي ها تہ اسان جي ٻولي ڪڏهوڪي پنھنجي سونھن ۽ سوڀيا، هستي ۽ وجود وڃائي ويٺي ها.

جيڪڏهن شاھ سائين سنڌي ٻوليءَ کي 'فارسي گھوڙي چاڙهسي' واري دور ۾ نہ بچائي ها تہ اڄ

اسان ڪنڌ مٿي ڪٺي سنڌي سڏائي نہ سگهون ها! (جيتوڻيڪ اڄ بہ پاڪستاني ”لغت“ ۾ سنڌي سڏائڻ ڏوهہ آهي.)

جيڪڏهن لطيف سنڌي ٻوليءَ ۾ ”بيت ۽ وايون“ نہ ڳائي ها تہ اڄ سنڌ جو نعرو نہ هجي ها........ ۽ نہ ئي ڪو سنڌي ڳالهائڻ وارو رهي ها.

شاهہ جا سنڌي قوم تي لکين وَڙ آهن. جنهن سنڌي ٻوليءَ کي امر (نہ مرندڙ) ۽ اڪٿ (نہ ڪٽندڙ) بڻائي ڇڏيو. جيستائين ڌرتيءَ جي دل تي سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻولي جيئري آهي، شاهہ جو نالو جيئرو رهندو ۽ سنڌ پوڻءَ مان چمندڙ هر انسان هن امر انسان جي نانءَ ۽ نشان (روضي) آڏو سيس نمائيندو رهندو.

اڄ اسان جا ڪيترا ليکڪ ۽ ليکڪائون لطيف جي لوليءَ، ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ ڌارين ٻولين جا اڙانگا ۽ اڻ سونهندڙ اکر ٽنبيندا رهن ٿا، جا ڳالهہ ڏک جوڳي آهي.

ادا، جس هجيئي جو پنهنجي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ ”گڏ ٿيل گند“ کي ڪيائي جيجل جي جهوليءَ کي جهٽڪائڻ لاءِ جتن پيو ڪرين.

اسان جي قوم ۾ اهڙا امر ۽ مهان ليکڪ پيا آهن جو قلم سان ڏيهہ جي ڏوتيئڙن جي تقدير ڦيري سگهي ٿو. جن جي لکڻين جو هڪ هڪ ”ٻول“ قوم جي

املھ موڙي آھي.

جي- ايم- سيد، سيد غلام مصطفيٰ شاھ، شيخ اياز، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پير حسام الدين شاھ راشدي، محمد ابراھيم جويو، رسول بخش پليجو، جمال ابڙو، سراج ۽ ٻيا سوين سگھڙ ۽ شاعر، اديب ۽ مفڪر ھن ڌرتيءَ جي ڪُک جا ڄاوا ان ڏس ۾ ڳڻي سگھجن ٿا.

پيارل! تنھنجي جتن ٻه جس لھڻي پر ٻيلي جڏھن اھڙو اڻانگو ۽ جوکم ڪم ھٿ ۾ کنيو اٿئي ته پنھنجي قلم کي ٻه قابو جھلڻو پوندو متان وات تان ٿڙڪي نه وڃي! تنھنجي لکڻين مان پڙھي ”ٻولن“ جي ٻوءِ نه اچي نه ته سڀني ساڪون اجايا ويندا.

سيپٽمبر جي ”ماڻھو ڳڻتي“ ۾ تنھنجي لکيل ”ايڊيٽوريل“ ۾ تنھنجا ڪم آندل ٻه چار اوپرا ۽ اڻ سونھندڙ ٻول ۽ انھن جا مٽ سنڌي ٻول ھيٺ ڏيان ٿو. جنھن مان سڌ پوندءِ ته ڪتي ٽون ٻه- ھرويرو ڌاريان ٻول ڪم آڻي ويٺو آھين!

اوپرا ٻول	سنڌي ٻول	اوپرا ٻول	سنڌي ٻول
استحصالي نظام	”ڀرماري دستور	ظلم وستم	” (ظلم ۽ ستم ڀلي
روز بروز	” ڏينھون ڏينھن		ڪماڻ پر ھرويرو
مال غنيمت	” لُٽ جو مال		”و“ وجھڻ جو
اصلاحات	” سڌارا		ڪھڙو ڪيپ“ءِ“
			ٺٺو سونھي ٿو؟“

مـون هڪڙي ”بندي“ ٺاهي ڇڏي آهي. ڪٿي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪو اوپرو ٻول اکـ چڙهي ويندو اٿم تہ ان جو مٽ سنڌي ٻول ووڙي لـکي ڇڏيندو آهيان. ”ملير“ جـي پارکن جي سٽ آڏو پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪجھ ڪڻا نذر رکان ٿو.

اوپرا ٻول	سنڌي ٻول	اوپرا ٻول	سنڌي ٻول
امتياز	” ويڇو، سيڙهو، سنڌو	بنياد	” پيڙهہ
انتظار	” اوسيئڙو	فارغ	” واندو، وانجهو
انتشار	” وکوڙ، ڏڦير	جٿو	” ٽولو، سٿ، وڳر
تقاضا	” گهير		سگهڙ، وار، ڍنب
ورهاست	” ونڊ ورڇ	مهذب	” سڌريل، سگهڙ
فهرست	” وچور	بد راهہ	” اوتڙ
تعاون	” ساٿ، هٿ ونڊ	دوغلي	” ٻٽي
ترقي	” واڌ، واڌارو، ڦونهڙو	پاليسي	” هلت
مسئلو	” مامرو	مناسب	” جوڳو
يڪسان	” هڪجهڙو، هڪ ساريڪو	تڪليف	” اهنج، ايذاءُ

عظمت ادبي اڪيڊمي

جا مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

١- جنم قيدي	يوسف بلوچ	١٦-٠٠
٢- ويتنامي ڪهاڻيون	—	١٤-٠٠
٣- پيار پيار پيڙا پيڙا	سندري اتمچنداڻي	١٠-٠٠
٤- توجهين جي تات	سندري اتمچنداڻي	١١-٠٠
٥- جنگ ۽ انسان	عمر ميمڻ	٦-٠٠
٦- بي اولاد	عمر ميمڻ	٥-٠٠
٧- جنس پيار ۽ شادي	عمر ميمڻ	٢٠-٠٠
٨- گيت اڇايل مورن جا	ثميره زرين	١٢-٠٠

ڇا اهي ڪتاب توهان پڙهيا آهن؟
ڇا اهي ڪتاب توهان جي بڪ اسٽال تي موجود آهن؟
جي نه، ته اڄ ئي اسان جي سول ايجنٽن سان لهه وچڙ ۾ اچو.

١- ادبيات- تلڪ چاڙهي حيدرآباد.
٢- سڳند - ڪتاب گهر- جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو.
٣- مشتاق - نيوز ايجنسي- گاڏي کاتو حيدرآباد.

عظمت ادبي اڪيڊمي جا اهڙ ڪتاب

۱- علم تدريس مظلومن لاءِ

مترجم- محمد ابراهيم جويو:

اندازو لڳايو ته ڇا هوندو هن ڪتاب ۾- جويي صاحب جي قلم سنڌي ادب کي هميشه ادبي شاهڪار ڏنا آهن. اسان جي دعوي آهي ته هي ڪتاب پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ تاريخي اضافو ثابت ٿيندو.

تمام جلد توهان جي هٿن ۾ پهچڻ وارو .....

۲- لڱ مهنجا لوهه

اشرف دهقاني:

اهو شاهڪار جنهن جو پهريون ڇاپو هڪ مهيني اندر ختم ٿي ويو .... ايران جي شاهه خلاف هليل تحريڪ جي هڪ خاتون ڪارڪن تي ڪهڙا نه ظلم ڪيا ويا ۽ هن ڪيئن ثابت قدميءَ سان انهن جو مقابلو ڪيو ......

ٻيو ڇاپو تمام جلد توهان جي هٿن ۾ هوندو.

۳- ان داتا

ڪرشن چندر جو امر، لازوال، لاثاني شاهڪار، سهڻي، مٺڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ .... ڇپيو — نئون دلفريب ٽائيٽل، سفيد اوچو ڪاغذ ۽ قيمت اها ساڳي جيڪا پهرئين ڇاپي جي هئي- يعني صرف ۰۰-۶ مارڪيٽ ۾ موجود— اڄ ئي خريد ڪريو ۽ پنهنجي لائبريري ۾ خوبصورت اضافو ڪريو ۽ پنهنجي ادبي ذوق کي تسڪين رسايو.

اسان جا سول ايجنٽ

۱- ادبيات- تلڪ چاڙهي حيدرآباد.
۲- سڳنڌ - ڪتاب گهر- جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو.
۳- مشتاق - نيوز ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد.

هرهڪ جي پڙهڻ لاءِ

عظمت ادبي اڪيڊميءَ جي ڇپرايل هيٺين ڪتابن جا جملي حق ۽ واسطا اڪيڊميءَ وٽ محفوظ آهن. ٻيو ڪوبہ ادارو انهن ڪتابن کي ٻيهر ڇپرائڻ جي ڪوشش نہ ڪري.

١- اڳهاڙي.
٢- قرب جا ناتا.
٣- پيار ۽ پاپ.
٤- پوڙهو ۽ سمنڊ.
٥- جنم قيدي.
٦- جنگ ۽ انسان.
٧- سنڌي ٻوليءَ کي للڪار.
٨- ڳالهيون ڳنوارن جون.
٩- جنس پيار شادي.
١٠- پريت پرائي، ريت نرالي.
١١- ان داتا.
١٢- پيار پيار، پيڙا پيڙا.
١٣- تو جنين جي تات.
١٤- لڳ منهنجا لوهه.
١٥- بي اولاد.
١٦- علم تدريس مظلومن لاءِ.
١٧- ڪرنڊڙ ديوارون.
١٨- اڇا وار ڳاڙها گل.